واڪا منهنجي وس!

(شعري مجموعو)

شاعر

قريشي نعيم الله "صابر"

N.A.Q
DIGITAL PUBLICATIONS
Pakistan- 03313051325

واڪا منهنجي وس!
قريشي نعيم الله "صابر"
N.A.Q
DIGITAL PUBLICATIONS
Pakistan- 03313051325

واڪا منهنجي وس!

(شعري مجموعو)

هر ڪو چوي ٿو پنهنجو ڇپائي ڪتاب ڏس
پنهنجي ڪلام جو بہ ڪري تون حساب ڏس
جي "واڪا منهنجي وس" آهن تہ عام ڪر
سوچين اجا بہ ڇا ٿو "صابر" جواب ڏس

نعيم الله "صابر" قريشي

{حق ۽ واسطا محفوظ}

واڪا منهنجي وس!

(شاعري ۽ مضمون)

شاعر: قريشي نعيم الله "صابر"

ڇاپو پهريون: 2017ع

ڪمپوزنگ: نصرالله

ڇپائيندڙ: NAQ ڊجيٽل پبليڪيشنز- پاڪستان-03313051325

WAKA MUHINJY WAS

(POETRY AND ESSAYS)

By: QURESHI NAEEMULLAH "SABIR"

First Edition: 2017

Composing & Design: NASRULLAH

Published by: NAQ Digital Publications- Pakistan.

N.A.Q DIGITAL PUBLICATIONS Pakistan- 03313051325



مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَآئِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

فهرست

1. عرض حال 10
2. نعيم الله صابر ـ غزلن جي رنگينين ۾: وفا منظور علي چوهاڻ 12
3. تاثرات: نذير احمد ”نذير“ ڏيهو 18
نظم
4. اي ڏٽي تو در جهڪن شاهه وگدا 19
5. مديني جي مومن آ وستي نرالي 20
6. مرحبا صلي علىٰ خير الورىٰ پيدا ٿيو، 21
7. بعد مولىٰ جي مٿي عظمت رسول الله جي، 22
8. معراج واري رات 23
9. آيو رمضان آ ٽڙيو شيطان آ، 25
10. الوداع اي ماهِ رمضان، ماهِ مهمان الوداع 26
11. ڪيو مولا عبادت لاءِ پيدا هڪ حرم آهي، 28
12. ڪربل جو ٻڌي واقعو صد بار چوان ٿو 29
13. هر ڪو چوي ٿو منهنجو رهبر حسين آ 30
14. اڄ تہ اسان لاءِ جاڳ پٽائي 31
15. واهه واهه جو پٽ تي دلبر عبد اللطيف آهي 33
16. قلندر لعل سيوهاڻي ٿيو مشڪل ڪشا باني، 34
17. مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل 35
18. رحلت بابا عبدالرحمٰن مست (22 مارچ 1971ع) 36
19. پهرين ورسي - بابا عبدالرحمٰن مست 37
20. ٻئين ورسي - بابا عبدالرحمٰن مست 38
21. امڙ منڙي 39
22. هڪ شهيدِ ڪربلا آ، هڪ جمهوريت جو شهيد 41
23. ٻٽيو نونهالن لاءِ گلشن ادب 42
24. ديوان شوق 43
25. استاد 44
26. هاري 45
27. راءِ بهادر اوڌا داس دل ۾ رکي هئي جيڪا آس، 47
28. حيدر بخش جتوئي 49
29. ڏينهون ڏينهن في نہ وڏاءِ 50

.30 چا مليو تعبير آ اظهار پاڪستان جو........ 51
.31 موهن جو دڙو........ 52
.32 پنهنجي گهر ۾ سکي ٿي گذارين........ 53
.33 منظوم خط سعيد اختر قريشي مسقط ڏانهن: 54
.34 پياري سنڌ او پياري سنڌ، منڙي ۽ موچاري سنڌ........ 56
.35 سنڌ جي مون گهري آزادي آ 58
.36 اباڻن ڪکن ڪان ڪيون چو ڪنارا........ 59
.37 سنڌ سان پيار ڪيو- اُهڙو اقرار ڪيو 60
.38 چو ڪُتِيو چو لٽيو ٿا توهان........ 61
.39 انصاف ڪر........ 62
.40 حڪومت جي دعوىٰ ٿا ڏاهيون اڏا،........ 63
.41 ملڪ جا آهيو محافظ قوم جا قاتل نہ ٿيو،........ 64
.42 اڄ ديس ۾ آئي عيد عجب........ 65
.43 سڏيو سنڌ توکي اٿي آ پٽائي 65
.44 مان سڪ جو آهيان سوداگر........ 65
.45 او قاتل وينو کهندو رهہ قربان هزارين ٿي ويندءِ 67
.46 علم پرايو آن وڌايو شان وڌايو مان وڌايو........ 68
.47 ٿر واسي........ 69
.48 نظم - مٽيءَ جو مانُ 70
.49 هن مٽِيءَ جو تو مان چوان،........ 70
.50 جنهن جنهن جي گنديءَ ۾ داڻا آهن تن جا چريا سياڻا 73
.51 جيجل........ 74
.52 غريب جو گذارو ڏاڍو ڏکيو ٿيو آهي........ 76
.53 زندگيءَ جي صدا آهيان........ 78
.54 تنهنجو آهيان تنهنجو آهيان،........ 79
.55 روز هنن رستن راهن ڪان تنهنجا پڇايان پار،........ 80
.56 هيءَ ٻالهہ آ پر ڪيف دلفريب نظارن جي........ 81
.57 ينورا ٿا رس چوسن، مالهي گل ڇڏي تو توڙي........ 82
.58 منهنجي مسڪن اڳيان تون اڳهاڙي وئين........ 83
.59 اڃا تون نہ آئين وري عيد آئي 84
.60 غم آهي تنهنجو گهڻو مونکي منا منِار 85

.61 ڇاتي ڇلڪئي ڇو ٿي ڇوري 86
.62 ڇو مون کان منهنڙو موڙين ٿو، ڇو ايڏو مون کان ڊوڙين ٿو 87
.63 ڇو اجان ٿو ڪرين حجاب سڄڻ 88
.64 سنگدل آهين نہ دل تي مان بہ ٿو پٿر رکان 89
.65 ڏنگا ڏير مونسان ڏاڍي ڪري ويا 90
.66 تهذيب ثقافت جي بي مثل ڪهاڻي آ 90
.67 دوست پيو رکڻو اتم پر دوست ئي ڪن ٿا دغا 91
.68 پهتس جو ڪنهن وٿاڻي منظر ڏٺو مون هي 93
.69 منهنجو عشق آ اکين جو ٻڌ تون منهنجي زباني 94
.70 جا چاش ملي تنهنجي چاهہ منجهان 95
.71 توسان مان پيار ڪيو، ٻيو نڪو يار ڪيو 96
.72 ٻڌايان تو ڳالهيون ڳڻن واريو ڳچ 97
.73 تون بہ مسافر مان بہ مسافر گهڙي پلڪ جا آهيون 98
.74 بغير نقطي ڪلام 99
.75 تڪيان تنهنجون راهون ورن ڪڏهن وارا 100
.76 عاشقن لاءِ يار جو ديدار ئي بس عيد آ 102
.77 خزان جو خاتمو ٿي ويو چمن ۾ تازگي آئي، 103
.78 ڏس ديد ملي ديد سان ٿو پيار ٿي وڃي 104
.79 من مندر ۾ آڳ مچائي روڳ لڳائي ويندي آهي 105
.80 دلربا دلدار دلبر ناز نخرا ڏي ڇڏي 106
.81 ڇو مون کان رُسي تون وئين يار پيارا 107
.82 لٽيري جو چهرو چتائي آ ڏسڻو 108
.83 آمدِ راحت جا آهن ڏينهڙا 109
.84 زندگيءَ جو ڪو زمانو ياد آ 110
.85 قربان ٿيا ڪيئي حسين مست قدم تي، 112
.86 پيدا ڪيو جهان ۾ هڪ اضطراب ٿي 114
.87 ڏس ڏينهن ختم ٿي سارو ويو سج جو بہ نشان آ ڪونہ رهيو 115
.88 اڄ يار جي چشم ۾ خونمار بينو آ 116
.89 سيٽ وارن جا ناهيون سنگتي، قرب وارن جي قدمن ۾ 117
.90 درد وارن کي دلاسو ڏيو منا دلدار جو 118
.91 منهنجو توسان پيار آ ڪيئون اقرار آ 119

.92 منآ تو سوا مان وساريو زمانو 120
.93 پيجي پورا ڪرين چو تو جڏهن تڪميل تون آهين 121
.94 حسينن جي هجي بازار ديوانہ ليپي پوندا 122
.95 ٿيو دل جو توسان سودو ساري عمر پيو گذارجاءِ 123
.96 امانت 124
.97 غير آ غير تہ پنهنجو بہ پرايو يارو 125
.98 حالات ناسازگار 127
.99 تنهنجي دنيا جو نقش ٻيو آهي 128
.100 ٻڌي ٻول تنهنجا اي منا ٿيو مونکي اندازو 129
.101 شرم وحياء جو پتلو آ سيڪو سجاٽي 129
.102 تو سوا محبوب مان ڪاڏي وڃان ڪنهن سان ملان 129
.103 محبت منڙين ڳالهين سان آ نفرت بد ڪلاميءَ ڪان 129
.104 اي ڏٽي تو در جهڪن شاهہ وگدا 130
.105 ڪي سوڊا سيج سجائي ويا 131
.106 واسينگ جيان زلف جنين مونکي ڏنگيو آ 131
.107 سڄڻ سور ايڏا ڏئي ڪر نہ ساٿو 131
.108 اهو تو نہ چاتو مون ڪيئن ڏينهن گذاريو 132
.109 ظالم تو ڪرين ظلم تون چاڪاڻ سدائين 132
.110 اڄ اڱڻ تي محب منهنجو مرڪندو ايندو وري 132
.111 اڄ ڪيو آ تو سڄڻ واعدو وفاداريءَ جو 132
.112 مُنهن اگهاڙيون مينڊريون ڏسي ڪير چوي 134
.113 جهڙا گل گلاب جا تهڙا پهرن ويس 134
.114 ڏِٺي تنهنجي دنيا گهٽي آ نرالي 134
.115 اچين جي اڱڻ منهنجي لال وڳو پائي 134
.116 عشق وارن جي اکين ۾ اشڪ نت جاري ڏٺم 135
.117 چو نہ چاتين ڪي ڪيو چاٽيون چلي 135
.118 نگاهون تيز خنجر جان هٽين تو گهوري گڙ پائي 135
.119 واهہ جي رونق واهہ جي محفل 135
.120 ورائي ويرن ڪي ڏيڻ ويڻ آئي، 136
.121 ڇا پڇو تا مان ڪهاٽي ڇا ڪريان 137
.122 عيد تي آيو نہ جاني ڇا ڪريان 137

123. ڪجهه غور ڪر غريب جي تنهنجي هٿ آ حياتي 137
124. اڪين ڪي اڄ مون چيو ڏسي چپ ڪيو 137
125. وستيءَ وستيءَ ويراني شهرن ۾ دهشت گردي آ 137
126. باغ جو باني هيو سو باغبان ڪاڏي ويو 138
127. وري پي حسرتون رهنديون چڏيو چاهي دنيا وارن 138
128. ليڊرن جا يار تا ٻاهر پڙهن، حاڪمن جا يار تا ٻاهر پڙهن 138
129. اقوال زرين: 139
130. آزمايو ويندو 139
131. دوستي نہ ڪجي 139
132. ظاهر نہ ڪجي 139
133. پيچ پري 140
134. پروسو نہ ڪجي 140
135. شڪايت نہ ڪجي! 140
136. ضروري تہ آهي! 141
137. نہ ڪائجي 141
138. قبول ڪجي 143
139. هار(شڪست) مڃجي 143
140. حماقت جي نشاني آهي! 143
141. اڇي ٿي! 144
142. چلي ڙي چلي ڪٽِي بازار هلي ونون ياجي ڪا يلي 145
143. ڪوڙن قصن فسانن نہ اشارن جي ڳالهہ ڪر 145
144. هاٽي تہ نہ نڪي هار نہ سينگار تو گهرجي 145
نثر
145. سنڌي زبان جا مسئلا 146
146. استاد جا فرض ۽ ذميواريون مضمون (نثر) 149
147. بزم گلشن لطيف شڪارپور 151
148. ڪهاڻي "پورل خان جي بستي" 153
149. چاهہ جي چهنبڙي 154
.150

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عرض حال

محترم ناظرين ۽ ادب دوست ساٿيو!

السلام عليڪم:-

مون پهريون دفعو پنهنجي ادبي پورهئي کي پڌرو ڪيو آهي، ۽ پيڙا جو پيغام پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان. ماضي قريب ۾ سنڌ جي حالتن تي گهري نظر وجهبي ته بد امني، دهشتگردي ۽ لاقانونيت جو راڄ رهيو. جيڪي به دل ڏاريندڙ واقعا پيش آيا اڄ تائين به ان جو ڪو ڏوهاري گرفتار نه ٿي سگهيو، ان ڪري مون هي ننڍڙو شعري مجموعو ”واڪا منهنجي وس“ لکڻ جو فيصلو ڪيو،جنهن جو سبب اُهي جُنيون ۽ بيگناهه عوام تي گولين جا وسڪارا ۽ لاشن جا تحفا آهن. شاعر جيئن ته حساس طبع عوام جو نمائندو سڏيو ويندو آهي، انڪري منهنجا جذبا به اوهان جا جذبا آهن، اوهان پاڻ محسوس ڪندا.

جيڪا دل ڏاريندڙ واقعن جي مون عڪاسي ڪئي آهي سا شعرن جي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

منهنجو ناتو شاعريءَ سان گهڻي عرصي کان ڳنڍيل آهي جنهن ڪري ڪيترن مهان شاعرن ۽ اديبن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا موقعا نصيب ٿيا آهن، ان هوندي به آئون پنهنجي استاد محترم مرحوم مولانا امان الله ”مفلح“ جن کي نه وساريندس جنهن مونکي ادبي زندگيءَ ۾ رهنمائي فرمائي ۽ مشاعرن ۾ روشناس ڪرايو.

منهنجو مقصد هن ڪتاب لکڻ جو اِهو ئي آهي ته اسان کي سنڌ جا گذريل واقعات نه وسارڻ گهرجن، جنهن ۾ جاني ۽ مالي نقصان بي

انداز پهتو. مگر افسوس جو ڪنهن به تدارڪ نه ڪيو، ڪو به داد رسيءَ ۽ حال پُرسانيءَ لاءِ نه پهتو.

انڪري هاڻي پاڻ پتوڙڻ واري جذبي ڪي جاڳائڻ لاءِ جيڪي آهي سو پيش ڪريان ٿو يعني ”واڪا منهنجي وس“

پڙهندڙ ساٿين ڪي گذارش آهي ته هن ڪتاب متعلق پنهنجا رايا ۽ تنقيد، پنهنجا تاثرات به دل کولي لکندا.

مصنف

قريشي نعيم الله ”صابر“

نعيم الله صابر ـ غزلن جي رنگينين ۾

وفا منظور علي چوهاڻ

شاعرن جي سر زمين سنڌ جي هڪ ننڍڙي شهر شڪارپور کي اهو شرف حاصل آهي تي هن شهر اسان کي هر دؤر ۾ وڏا وڏا شاعر پيدا ڪري ڏنا آهن، جن هن شهر جي ادبي قدم ۾ واڌارو ئي پيئي ڪيو آهي، سامي، لطف الله بدوي، حبيب الله يُتي کان ويندي شيخ اياز، نياز همايوني، ارباب علي عادل، ضياء شاهه وغيره تائين سڀني سنڌي ادب جي پنهنجي وس آهر خدمت پئي ڪئي آهي. اهڙن ئي مهان شاعرن ۾ هڪڙو نالو نعيم الله ”صابر“ جو به اچي ٿو.

نعيم الله ”صابر“ ولد مولوي اصغر علي قريشي 25 آگسٽ 1952ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي پاڙي جي اسڪول مهر شاهه قبو ۾ ورتي. صابر ننڍي هوندي کان ئي ذهين هو ۽ حافظو به سندس ڏاڍو تکو هو، جا ڳالهه ڪتان پڏندا هئا ته اها جلدي ذن ۾ جهٽي وٺندا هئا. تنهن ڪري پڙهائي ۾ ڏاڍو هوشيار هو. پاڻ پنجين ڪلاس کان وٺي اٺين ڪلاس تائين اسڪالرشپ به ڪٽندو رهيو جيئن ته سندس وڏن جو مذهبي گهراڻي سان تعلق هو. ان ڪري مٿن به گهرو اثر پيو. پاڻ دنوي تعليم سان گڏ ديني تعليم به حاصل ڪندو رهيو. مئٽرڪ جو هن امتحان 1969ع ۾ ڪنڊڪوٽ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو. ان کان پوءِ 2 مئي 1972ع تي هڪ ڊسپينسري جي عهدي تي، هيلٿ ڊپارٽمينٽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ هن وقت به ڊسپينسر جي عهدي تي آر.بي.يو.ٽي سول اسپتال شڪارپور ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

شاعريءَ جو شوق کين ننڍي هوندي کان هئن. جو ته سندن والد به پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي حد تائين ادبي ذوق رکندا هئا ۽ ان جا شاعر مولوي امان

الله مفلح سان دوستيءَ جا گهرا ناتا هئا. صابر ٻه ننڍي هوندي کان پنهنجي پيءُ سان مشاعرن ۾ وڃڻ لڳو هو، مشاعرا ٻڌي ٻڌي آخر پاڻ ٻه سورهن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. مولوي امان الله مفلح شاعري سيکارڻ ۾ سندن وڏي مدد ڪئي ۽ کين قابل بڻائي ڇڏيو جو هو پاڻ کي ”صابر“ چوائڻ لڳو. اڳتي هلي آغا عبدالنبي ”عليگ“ ۽ رحمت الله ”شوق“ جي طرحي مشاعرن کين عروضي شاعريءَ ۾ پختو شاعر بڻائي ڇڏيو. ان کان پوءِ گلشن لطيف شڪارپور جو بنياد 23 فيبروري 1982ع تي رکيائون. جنهن جا پاڻ هن وقت تائين سيڪريٽري ۽ نائب صدر ٿيندا رهيا آهن. بزم گلشن لطيف کي تحرڪ ونائڻ ۾ سندن وڏو ڪردار رهيو آهي. سندن بزم گلشن لطيف شڪارپور طرفان ”شوق“ سان گڏجي ”آل سنڌ ادبي ڪانفرنس جماڻي هال“ شڪارپور 1973ع ۾ ڪرائڻ هڪ يادگار ڪارنامو آهي.

پاڻ هن وق تائين سون جي تعداد ۾ شاعري ڪري چڪا آهن ۽ سندن شاعري سنڌ جي ڪيترن اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. پر اهو سڀ سست رفتار سان شايع ٿي آهي. کين پاڻ کي شاعري شايع ڪرائڻ جو شوق گهٽ نظر اچي ٿو. جڏهن مون سندن ڪيل شاعريءَ جا ٿي وڏا دفتر 1985ع تائين ڏٺا ته منهنجو چرڪ نڪري ويو ته صابر ايڏي شاعري ڪئي اهي. جڏهن ڏٺو وجي ته ان جي پيٽ ۾ شايع گهٽ ٿيو آهي. جڏهن ڪو کين ڪنهن رسالي يا اخبار ۾ شاعري شايع ڪرائڻ لاءِ اچي ٿو ته پاڻ انهن کي شاعري ڏين ٿا. صابر صاحب جي اها سندس سستائپ کين گمنام شاعرن جي لسٽ ۾ وننڌي پئي وڃي. هاڻي صابر صاحب کي پنهنجي اها حالت بدلائڻ گهرجي ۽ باقاعدگيءَ سان اخبارن ۽ رسالن ڏانهن پنهنجي شاعري موڪلي شايع ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اها سندس سنڌي ادب لاءِ وڏي خدمت هوندي.

صابر جي شروعاتي دفترن ۾ شاعري ڪجهه ڪچي ڦڪي نظر اچي ٿي، پر خيال سندن وزنائتا آهن، عام طور تي هن هر موضوع تي لکيو آهي پر غزل سندس پسنديده صنف آهي. غزلن ۾ معاشري جي اوٽاين جي ڳالهه به آهي ته عشق ۽ محبت جو فسانو به آهي. پر ڪجهه غزل ته صابر جا جدت ۽ نواڻ جي رنگين اندلني پٽي ۾ سمايل نظر اچن ٿا.

جيئن هن غزل ۾ دردن ۽ پيڙاهن جي ڳالهه کهڙي نه جيت جي رنگ ۾ ڪئي آهي:

جيئرو جوين ساهه نه آهي
چئه ته انهيءَ سان ناهه نه آهي
هڏڙن جو آ پڃرو ماڻهو
جنهن تي ڪل ۽ ماهه نه آهي
تين تا گجگوڙ به تر ۾
وسڻ تي ويساهه نه آهي

هي غزل ته بس صابر جي جدت جو لازوال مثال آهي، جنهن ۾ پاڻ غزل جو پورو حق ادا ڪيو اٿن:

تو بن جڏهن بهارون آيون
نيڻن مان چو لارون آيون
ايڏا ويڇا وجهبا ناهن
تنهنجون ياد پچارون آيون
عيد ڪڻي خوشيون ايندي آ
منهنجي ياڳ ميارون آيون

هو زندگيءَ مان نا اميد نه آهي. زندگي کي پنهنجو مقصد ٻڌائي جيئڻ ٿو چاهي، ان لاءِ چئي ٿو:

زندگي جي صدا آهيان، چو ٿيو بي بقا آهيان

مـوت منـزل نـہ آ منهنجـي، مـوت جـو رهنما آهيان

هو هن غزل ۾ همٿ ۽ مردانگي جو سبق ڏيندي چئي ٿو تہ ٻين جي آسرن تي ڪجھ نو ورندو، جي توکي ڪم ڪرڻو آهي تہ هٿ پنهنجو ٻوٽو پوڪ:

چـو نـہ گـاڏي خـاص پنهنجـي ڪـاهجي

پنهنجـــي ســاٿين ڪـــي ٻـــہ اٿ پهچـــائجي

هـــل هلـــي تهـــذيب جـــا آثـــار ڏس

تـــو ڪـــي مـــوهن جـــو دڙو ڏيڪـــارجي

ڪونـــڌرن جـــا ڪنـــڌ اوچـــا ٿيـــل ڪـــرن

جـــوت ٿـــي جـــوڌن جيـــان ڏارجـــي

هو پيار ۾ خيانت ڪرڻ پسند نہ ٿو ڪري، هو پيار کي مقدس امانت سمجهي سنڀالڻ چاهي ٿو.

ســـاٿ پنهنجـــو ســـدائين ســـلامت رهـــي

ڀـــل دنيـــا ســـان اســـان جـــي عـــداوت رهـــي

پيـــار صـــابر ڪيـــو پيـــار تـــو ڀـــي ڪيـــو

ســـانڊي ســـڪ ســـان رکـــو ســـا امانـــت رهـــي

هو محبوب کي پنهنجو سڀ ڪجھ سمجهي ٿو ۽ پنهنجا خواب بہ ان ڏانهن ارپي ٿو. ان لاءِ چئي ٿو:

تنهنجـــو آهيـــان تنهنجـــو آهيـــان

توســـان کهـــڙو ســـينو ســـاهيان

مـــون تـــي تنهنجـــي مهـــر نظـــر آ

تنهنجـــا تـــورا ڪيـــئن مـــان لاهيـــان

اڳتي هلي لکي ٿو تہ:

پيـــار تـــي هونـــدا آهـــن پهـــرا
دوڪـــي جـــون ديـــوارون ڏاهيـــان
خـــواب بـــ پنهنجـــا تـــوکي ســـونپيان
بيـــو ڪجهـــ ”صـــابر“ چـــا لاءِ چاهيـــان

بهر حال ”صابر“ صاحب جا غزل جدت جي رنگينيءَ ۾ رچيا پيا آهن.

سندس غزلن ۾ روانيءَ جي چاشني بہ آهي تہ موسيقي جي ستن سرن جي راڻِ بہ موجود آهي. سندس غزل اعلىٰ پائي جي غزلن کان گهٽ نہ آهن. سندس غزلن ۾ موضوع جي ڪمي نہ آهي. عشق کي ونجي تہ ڪيئي صفحا لکي سگهجن ٿا. معاشري جي براين تي ويهي لکجي تہ چڱو خاصو هڪ مقالو تيار ٿي سگهي ٿو. بهر حال هن مختصر مضمون ۾ ڪجھ ڳالهيون سمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. آخر ۾ سندس هنن سٽن سان مضمون کي پورو ڪجي ٿو تہ:

مـــان ســـڪ جـــو آهيـــان ســـوداگر
ڪـــو مـــاڻهو مـــون کـــي مُـــرڪ ڏئـــي
پـــر حـــال ڏســـي هـــي خيـــال ڪـــيم
هـــت بـــي ملهـــ ڪـــو لـــڙڪ ڏئـــي

نوٽ: هي مضمون لطيف سماجي ادبي سنگت شڪارپور طرفان قريشي نعيم الله ”صابر“ سان ملهايل ادبي رهاڻ ۾ پڙهيو ويو.
روزانہ سمبارا، ڪراچي، 17 مئي 1996ع

تاثرات

”واڪـــا منهنجـــي وس! هـــڪ بهتـــرين شاعريءَ جو مجموعو، لاجواب احساسن ۽ جذبن جي ترجماني آهي، ۽ هر غزل (ڪلام) ۾ اتساهه ڏيندڙ خيال نظر آيو.“

دعاگو
نذير احمد ”نذير“ ڏيهو شڪارپور
24 جنوري 2017ع

حمد باري تعاليٰ

اي ڏڻي تو در جهڪن شاهه وگدا

تنهنجـــــي نـــــالي ســـــان شـــــروع آ التجـــــا

تـــــون ئـــــي رب العـــــالمين عـــــرض وســـــما
خـــــالق خلقـــــت بـــــه آهـــــين مالـــــڪِ روزِ جـــــزا

فـــــرض تنهنجـــــا پـــــنج ٽيـــــا منهنجـــــي متـــــان
صـــــوم صـــــلوٰتون حـــــج ۽ زڪـــــواة ڪلمـــــو قائمـــــا

يـــــا خـــــدايا عاقبـــــت بـــــالخير ڪـــــر
هـــــن جهـــــان وارن ڏنـــــا آهـــــن ڏجهـــــا

****

نعت شريف

مديني جي مومن آ وستي نرالي

جتـــــي آهـــــي موجـــــود هســـــتي نرالـــــي

مُنـــــارا پســـــان ميـــــر جـــــا دل چـــــوي ٿـــــي
مگـــــر حـــــال هيٽـــــو آ پســـــتي نرالـــــي

چئـــون جـــنهن کـــي ٿـــا رحمـــت العـــالمين
ســـــا وابســـــتگي آ الســـــتي نرالـــــي

بـــــدان ٿـــــو عجـــــب روح پـــــرور نظـــــارا
انـــــدر اٿـــــل ڪـــــائي ٿـــــي مســـــتي نرالـــــي

روئـــــي نيـــــر هـــــاري دعـــــا اُت پنـــــي جـــــو
ٿـــــي مقبـــــول ”صـــــابر“ ســـــا ســـــتي نرالـــــي

10 سيپٽمبر 1984ع

مرحبا صلي عليٰ خير الوريٰ پيدا ٿيو،

لــک مبــارک مؤمنــو اڄ مصــطفیٰ پيــدا ٿيــو،

حمــد صــلوٰتون پڙهئــون ٿــا عيــد آ مــيلاد جــي،
جــو اســان جــي ديــس رب جــو دلربــا پيــدا ٿيــو،

”لــک مبــارک مومنــو، اڄ مصــطفيٰ ﷺ پيــدا ٿيــو“
لــک ســوا پيغمبــرن جــو، پيشــوا پيــدا ٿيــو،

ظلــم زوري جــي زمــاني ۾ جــنم جنهن جــو ٿيــو
ســو اســان جــو ئــي نبــي نــور الهــديٰ پيــدا ٿيــو

جــنهن نئــون دســتور دنيــا کــي ڏنــو اي مومنــو،
ديــنَ ڪامــلَ جــو آ رهبــر، رهنمــا پيــدا ٿيــو،

قــول ان جــي تــان اســان، قربــان پنهنجــو ســر ڪيــون،
جيئــين چيــو آ تيــئن ڪيــو ، نائــب خــدا پيــدا ٿيــو،

زنــدگي نيــاڻين نمــاڻين جــي بـــ جــنهن رحمــت چئــي،
ســو نبــي خيــر البشــر خيــر الــوريٰ پيــدا ٿيــو،

رحمـــت اللعـــالمين آ رحمـــدل، صـــادق، امـــين،
آســرو عاصــين اٻــوجهن، جــو ادا پيــدا ٿيــو،

ڪيتريــون ســختيون سَــنيون جنگ و جــدل ”صــابر“ ڪيــا،
حــق جــو حــامي حبيــبِ ڪبريــا ﷺ پيــدا ٿيــو،

20 جنوري 1981

بعد مولىٰ جي مٿي عظمت رسول اللهﷺ جي،

ســـاري دنيـــا ۾ وڏي امـــت رســـول الله جـــي،

جــنهن جــي آئــي بــت پڳــا، ۽ دور انــدارو ٿيــو،
ظلـم جـون پـاڙون پٽيـون، انصـاف جـو وارو وريـو،
حــق پرســـتيءَ ۾ وڏي همـــت رســـول الله جـــي،

دور آقـــا ۽ غلامـــيءَ جـــو هليـــو ويـــو ڏُور ٿـــي،
امــن جــو منشــور نئــون، اهــڙو مليــو منظــور ٿــي،
ديــن ڪامــل ٿــي ويــو نســبت رســول الله جــي،

ڪيتــرا راجــا ڪــري ويــا راڄ تخــت و تــاج تــي،
هــي هئــا فــرشِ نشــين جيڪــي ويــا معــراج تــي،
ڇــا چئــي ســگهندو ڪــوئي رفعــت رســول الله جــي،

ڇــا ڪــري ســگهندو ثنــا "صــابر" هتــي ڪــوئي بيــان،
ڪوبــ هــن جــي مــٽ نــ ڪــوئي مــٽ قــرآن،
خــود خــدا آهــي ڪئــي مــدحت رســول الله جــي،

معراج واري رات

معراج واري رات جو آ شب قدر کان شان وڌ
مولا ڪيو سڀ راتين مان رات هن جو مان وڌ

پاڪ رب منڙي محمد کي گهرايو هو جڏهن
موڪليا جبريل ۽ بـرّاق عاليشان وڌ،

نور جي پوشاڪ پهري تيار سواريءَ لاءِ ٿيا،
مرسل منو مدني روانو ٿي ويو ذي شان وڌ،

هو هليا بيت المقدس منتظر جت انبياء
جِنَّ حورون، ۽ پريون جت منتظر غلمان وڌ،

پهتو جڏهن مرسل اُتي سيني سلامي ڪئي وڌي،
آيا ملڻ لاءِ انبيا پيغامبر، اُن آن وڌ،

جبرئيل اُت آذان چئي آيا مِلي (مِڙي) سيئي نبي،
مسجد سجي پرجي وئي پرجي ويو ميدان وڌ،

محمد سين جي هو اڳيان سيئي نبي تنهن جي پٺيان،
ات ادا نفلات ٿي ۽ پڻ پڙهيؤن قرآن وڌ،

پوءِ هليا مدني اتان محبوب پڻ سواري ڪري،
ٿي ويا اڳتي جتي ٿيڻا هئا مهمان وڌ،

پـاڻ سـيني آسـمانن تـي نبـين سـان مليـا،
مرحبـــا صـــد مرحبـــا آواز ٿيـــا هـــر آن وٽ

منهنجــو هتــڙي مــاڳ آ اڳتــي اوهــان جــو پــاڳ آ،
ٿيــو جــدا جبرئيــل ســدره تــي ڪــري ارمــان وٽ

۽ اڪـــيلا ويـــا جتـــي الله ســـان ملڻـــا هيـــا،
ٿـــورو جـــو ڪجهـــ دور هـــا گفتـــا ٿيـــا درميـــان وٽ،

خـــود پســـيئون الله کـــي محبـــوب ربُّ پنهنجـــو ڏنـــو،
۽ تـــي فرمـــايو خـــدا صـــد مرحبـــا فرمـــان وٽ

پـوءِ اتـان واپـس وريـا پهتـا اچـي مسـجد حـرام
جـاءِ سـا جـاچي ڏنئـون جـت اڳ هيـا گهمسـان وٽ

گهـر اچـي ڇـا تـا ڏسـن زنجيـر در جـو تـو لـڏي،
بســـترو پـــي آ گـــرم "صـــابر" ٻـــڌو اعـــلان وٽ

آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

مـــــومن روزا رکـــــو اهـــــڙو فرمـــــان آ،

بهشـــت جـــو در کليـــو، نيڪـــي هـــر دم ڪريـــو،
ريجهـــايو رب کـــي جيڪـــو رحمـــان آ،
آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

بکئـــي جـــي لهـــ خبـــر، ڏکـــي تـــي کـــر مهـــر،
تـــون مـــاري نفـــس کـــي کنـــدو احســـان آ،
آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

نمـــازي تـــيءُ ســـدا، تـــراويح کـــر ادا،
پـــورو آخـــر کبـــو پـــڙهي قـــرآن آ،
آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

هليـــو وينـــدين هتـــان، نـــ تئـــي ميلـــو متـــان،
نيـــائي هيـــل وڃ مهينـــو مهمـــان آ،
آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

تينـــدي مقبـــول آ، "صـــابر" هـــر التجـــا،
خـــدا ڏينـــدو جـــزا اهـــو ايمـــان آ،
آيو رمضان آ تڙيو شيطان آ،

الوداع اي ماهِ رمضان، ماهِ مهمان الوداع

تنهنجـــي آئـــي مـــؤمنن ڪـــي تـــي هئـــي چاهـــت گهڻـــي،
ورد هـــر جـــاءِ هـــو وظيفـــو، روح ڪـــي راحـــت گهڻـــي،
روزيـــدارن ڪـــي ٿيـــو آ تنهنجـــو ارمـــان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

روزو شـــب هئـــي، تـــات تنهنجـــي لات ۾ـــي نعمـــت هئـــي،
قـــدر واري رات ۾ هـــر ذات تـــي رحمـــت هئـــي،
ذڪـــر هـــو مســـجد انـــدر تـــا فجـــر فرقـــان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

ڪـــن تراويحـــون نمـــازون تـــي پڙهيـــون،
ڪـــن ڪڻـــي تســـبيح تـــي ڦيريـــون ڪٽيـــون،
هـــٿ دعـــا جـــي لاءِ ڪنيـــا تـــي هـــر مســـلمان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

معتڪـــف وينـــا اچـــي ڪيئـــي ڏهـــي پـــوئين انـــدر،
التجـــا صـــدقي محمـــد ﷺ جـــي خـــدا مقبـــول ڪـــر،
ڪـــر خطـــائون معـــاف مـــوليٰ پنهنجـــي طرفـــان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

سَـــوَ ســـلامن ۽ درودن ســـاڻ صـــلواتون هيـــون،
حمـــد ۽ نعتـــون، مـــداحون ۽ مناجـــاتون هيـــون،
آيتـــون اهڙيـــون ٻـــڌيون ٿيـــو تـــازو ايمـــان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

شــل ملــي اهــڙو مهينــو بخشــجي هــر ڪــو وجــي،
مغفــرت جــي راه آهــي ٻــي نــہ ڪــنهن دَرِ ڪــو وجــي،
مـــاه اهـــڙو مـــؤمنن تـــي آ مهربـــان الـــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

هــو وجــي ٿــو پــوءِ بــہ هيــڏي عيــد ٿــو ڏينــدو وجــي،
پنهنجـــي آئنـــده اچـــڻ جـــي ديـــد ڏينـــدو ٿـــو وجـــي،
ڪــو وســاري ڪيــئن ”صــابر“ تنهنجــو احســان الــوداع،
الوداع اي ماهِ رمضان.....

ڪيو مولا عبادت لاءِ پيدا هڪ حرم آهي،

ءِ پڻ امت محمد جو هي اسلامي ڌرم آهي،

ٻہ ٿي آ ڏينهن هي دنيا هميشہ هت نہ ڪو رهندو،
ڪندو سڀ سان چڱائي رهہ ڀلائيءَ جو ڀَرم آهي،

حياءُ ڪان ويو زمانو اڄ زماني ڪان چڱو ٿي پيچ،
نہ ڪوئي خيال آ ڪنهن جو نہ ڪنهن کي ڪو شرم آهي،

ڪيو مولا ڪري پيدا حوالي والدين وٽ آ،
اهو پيارو پدر منهنجو مهربان مادرم آهي،

نہ "صابر" نا اميدي ڪر ڪڏهن ايندي خوشي تو در،
پنهيون من جون مرادون ڪافي مولا جو ڪرم آهي،

5 آڪٽوبر 1970ع

ڪربلا

ڪربل جو ٻڌي واقعو صد بار چوان ٿو
قـــدرت جـــو ڪرشـــمو آ اظهـــار چـــوان ٿـــو

جـــو ديـــن جـــي حفاظـــت خـــاطر ٿيـــو شـــهيد
آهـــي قضـــا جـــو ڪـــوئي اســـرار چـــوان ٿـــو

ســـجدي ۾ ســـر ڪٽـــائڻ نيـــزي مٿـــان نچـــائڻ
اســـلام جـــي عظمـــت جـــو هـــي معيـــار چـــوان ٿـــو

حـــق ڪـــي ڪـــڏهين بـــ ڪوهيســـائي نـــ ســـگهيو آ
ســـختيون ســـوين ڪنـــديون چـــا نـــروار چـــوان ٿـــو

آخـــر آ فـــتح حـــق جـــي ڪـــو آزمـــائي پـــل
ڪائنـــات جـــنهن جـــي لاءِ ٿـــي غمخـــوار چـــوان ٿـــو

تَـــنهن ڪـــي شـــهيد اعظـــم ”صـــابر“ نـــ چئـــون چـــو
ظلـــم وســـتم ســـر تـــي ســـهي ڪيـــو ســـر ڏار چـــوان ٿـــو

4 سيپٽمبر 1985ع

هر ڪو چوي ٿو منهنجو رهبر حسين آ

ظـــالم يزيـــد بـــدتر، بهتـــر حســـين آ
سـختيون سـوين سـنائون ٻـاهر نــ ٻـاق نڪتـي
هـــي شـــير دل بهـــادر ”صـــابر“ حســـين آ

جاڳ پٺائي

اڄ ته اسان لاءِ جاڳ پٺائي

پلو ٿئي ڪو پاڳ پٺائي

سورن ۾ آ سنڌڙي ساري
محبت جو هو ماڳ پٺائي

تون ته دعائون دل سان ڏنيون
ڳايان ٿو سو راڳ پٺائي

بيڏوهي ٿا ڪونڌر ڪُسجن
سورهيه ٿيا نه سجاڳ پٺائي

خون جي هولي آهي هر هنڌ
گهر گهر ۾ آ آڳ پٺائي

مارون تنهنجا مُرڪن ڇَا ٿَي؟
فرقت جو آ داڳ پٺائي

تنهنجا پير پون گهَٽ گهَٽ تي
جود وري سي جهاڳ پٺائي

تو ته چيو سنسار سنورجي
مٺجي ويو آ ماڳ پٺائي

امـــــــن، عـــــــدل خوشــــــــحالي اينـــــــدي
ڪـــــــنهن ڪـــــي ملنـــــــدي واڳ پٿـــــائي

مـــــون ڪـــــي ايـــــڏا ســـــڪ نـــــ گهـــــرجن
دال ملـــــــــي يـــــــــا ســـــــــاڳ پٿـــــــائي

مـــــوت نـــــ آهـــــي مِهڻـــــو ”صـــــابر“
لُنجــــــــــي روز سُـــــــــهاڳ پٿـــــــــائي

****

سدا سائي سنڌڙي تنهنجو الله نبي وارث

تـــوتي لطـــف لطيـــف جـــو تـــون پنُوهـــارن پـــارسُ
تـــن جـــوڌن ڪـــي آ جَـــسُ، جـــن توتـــان سِـــر صـــدقي ڪيـــا

واهہ واهہ جو ٻيٽ تي دلبر عبد اللطيف آهي

بيشــــڪ بلنـــد بـــر تـــر عبـــد اللطيـــف آهـــي

دنيـــا ۾ ٿيـــا هـــزارين ڪامـــل ولـــيءَ ڪيئـــي
صـــاحب ڪـــرامتن جـــا منـــزل رســـيا ســـيئي
مڙنـــي ۾ اعلـــىٰ اڪبـــر عبـــد اللطيـــف آهـــي

در تـــان لطيـــف جـــي سَـــوَ ڪنگـــال لعـــل ٿـــي ويـــا
هـــر دم آ فـــيض جـــاري تـــوڙي جـــو ســـال ٿـــي ويـــا
هـــي راهـــہ ڀُلِـــيَنِ جـــو رهبـــر عبـــد اللطيـــف آهـــي

ڪـــنهن ڪـــي ڇـــڏي نـــہ خـــالي جيڪـــو اچـــي ســـوالي
شـــفقت لطيـــف جـــي آ ســـڀ ڪـــان ســـدا نرالـــي
ســـهڻو ســـخي سراســـر عبـــد اللطيـــف آهـــي

نـــالائقن تـــي پـــي تـــو "صـــابر" ڪـــري هـــي لائـــق
هنـــد ســـنڌ ڪـــان اچـــن ٿـــا شـــاعر اديـــب شـــائق
بـــين الاقـــوامي شـــاعر عبـــد اللطيـــف آهـــي

قلندر لعل سيوهاڻي ٿيو مشڪل ڪشا باني،

ٿئي شــل شــاد دل منهنجــي ونــي وئــي آهــ ويرانــي،

اســين فاســق ۽ فــاجر هــون تــڏهن تــو در گــداگر هــون،
ڪيــو ڪــو خيــر خيرانــي قلنــدر لعــل ســيوهاڻِي،

آهــن دل ۾ اميــدون جــي ٿــين پوريــون ســموريون ســي،
ڪريــو ڪــائي مهربــاني، قلنــدر لعــل ســيوهاڻِي،

ســهڻو ســيوهڻ ۾ اوتــارو ڏنــم پريــان الــم ڪــارو،
اهــا پهچــڻ جــي نيشــاني، قلنــدر لعــل ســيوهاڻِي،

آيــم درگاهــ تــي پيهــي گهــران تــو مــان دعــا ويهــي،
متــايو داغ دل جــاني، قلنــدر لعــل ســيوهاڻِي،

حســيني لعــل مرونــدي ڪيــو ڪــائي درد منــدي،
آ ”صــابر“ هــي دنيــا فــاني، قلنــدر لعــل ســيوهاڻِي،

مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

جهولي لعل قلندر جهولي لعل قلندر
مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

هند سنڌ ۾ آتنهنجو نعرو
آهين غريبن لاءِ سهارو
تنهنجي عزت نرالي تون آن سنڌ جو والي
مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

مَت تنهنجي ڪو نه مَروند وارا
مسڪينن جا لاهين مونجهارا
مؤمن ڏسن موالي تنهنجي جوت جلالي
مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

تو در دنيا اچي ٿي قلندر
دل جون مرادون وٺي ٿي قلندر
موٽيو ناهي سوالي تنهنجي در تان خالي
مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

سائين تون ئي آهين سيوهاڻي
هر ڪا دعا هت پيئي آ اگهاڻي
تو آ ذات سنيالي تنهنجي قوت ڪمالي
مست قلندر مست قلندر مست قلندر لعل

7 آگسٽ 1983ع

رحلت بابا عبدالرحمن مست (22 مارچ 1971ع)

هاءِ حسرت مست بابا موڪلايون ويو هليو

بــي بقــا هــن بــاغ مــان برقعــو متــايون ويــو هليــو

پنهنجــي مئخــاني ڪــي ســاجن پنهنجــو ئــي مرقــد ڪيــو
پنهنجــو روضــو راز ســان قــائم ڪرايــون ويــو هليــو

حــافظ قــرآن هــو ۽ هــو حڪــيم هــڪ لاجــواب
حڪــم ربــيءَ ســان عجــب حڪمــت هلايــون ويــو هليــو

ســڀ چڏي ســڀ ڪي چڏي ڪيــئن هــو هتــين خالي ويــو
هــٿ بـــ تــي پنهنجــو ڪفــن پهــراڻ پــايون ويــو هليــو

راز هن جو ڪنهن نـ سمجهو هن تي سمجهو سڀ جو سوال
رنــج ڪــري ڪيئــي روئــاري ڪــي ســتايون ويــو هليــو

ڪــل نـــ پئــي تقــدير جــي ڪيــئن تــي ويــو جــاني جــدا
مــوت ڪــي لبيـــڪ چئـــي واري وجــايون ويــو هليــو

مــرڻ تــائين يــاد ان جـــي دل تـــي هونـــدي دائمـــا
پنهنجــي ســڪ جــو هــو ســڪو دل تــي جمــايون ويــو هليــو

ســڀ تــي وارو مــوت جــو ايندو تــون ”صابر“ صــبر ڪــر
هــي تـــ بيــڙو سِــير مــان پنهنجــو ٽپــايون ويــو هليــو

1 مئي 1971ع بسلسلہ چهلم

پهرين ورسي - بابا عبدالرحمن مست

مست بابا جي عقيدت جو آ سامهون سوال ٿيو

جنهن ڪان وڇڙي اڄ اسان کي آهي پورو سال ٿيو

مرتبو منزل انهيءَ جي سمجھ منهنجيءَ ڪان مٿي
هن جي همسر ڪو نه ڪو اوتاد يا ابدال ٿيو

مام مستن جي نه ڄاڻي عام جو ناقص عقل
منڪشف ڪنهن تي نه تن جو اڄ تائين احوال ٿيو

جن سندس خدمت ڪئي ڏس سي ويا مخدوم ٿي
ڪو سدا خوشحال ٿيو ڪو صاحب اقبال ٿيو

جو به دامنگير ٿيو تنهنجي کليي ويا دل جا در
فيض جي رنگ ۾ وڃي رنگجي ڪوئي آ لال ٿيو

جن جي دل آ چوٽ ڪاڏي تن ڪان پڇ "صابر" خبر
هوش ڪان بيهوش ڪو، ڪو حال ڪان بيحال ٿيو

بسلسله پهرين ورسي 1972ع

پئين ورسي - بابا عبدالرحمٰن مست

هـــو بوســـتانِ عشـــق جـــو هـــڪ باغبـــان مســـت
نـــالو جنهـــين جـــو عـــام ٿيـــو عبـــدالرحمٰن مســـت

شـــاگرد هـــو بـــديل جـــو ڏاڍو بـــديل کـــي پيـــارو
آ آشـــــيانو انهـــــيءَ جـــــو گلســـــتان مســـــت

مرقـــد مهرشـــاهه قبـــي وٽ جـــنهن جـــو آهـــي قـــائم
ميئخـــانو يـــي آ ان جـــو آ آســـتان مســـت

مـــونکي تـــہ هـــر بـــلا کـــان ڏينـــدو امـــان مـــولا
در تـــي آ ســـوال منهنجـــو آ پاســـبان مســـت

منهنجـــو هـــي حـــال ســـارو ڄـــاڻي خـــدا ٿـــو بهتـــر
شـــل ٿئـــين دوار جـــي در تـــون دربـــان مســـت

”صـــابر“ ســـندي صـــدا کـــي پـــورو تـــہ ڪـــر پنهـــل تـــون
تـــون يـــي خـــدا جـــو پيـــارو آنَ مهربـــان مســـت

بسلسلہ ٻي ورسي 11 مارچ 1973

امڙ منڙي

نہ ڪو ڏيءَ پٽ جو ڪرين امتياز

عجـــب تنهنجـــــي آهــــي عـــــدالت امـــــڙ
رکـــي تنهنجــــي قـــدمن جـــي هينـــان جنـــت
ڏنــــي رب تـــــوکي امانـــــت امــــڙ

لهــين ســار ٻــارن جـــي تـــون ٻــار ٻــار
دعــائون ٻچـــن کـــي ڏئـــين ســو هـــزار
تـــون پـــالين انهـــن کـــي ڏئـــي خـــوب پيـــار
ٿـــي ســـمجهين انهـــيءَ کـــي عبـــادت امـــڙ

ســدا ڏيـــن تـــون اولاد تـــي پنهنجـــو ســـاهه
هنيـــو تــــو نـــہ دنيـــا جـــي دولـــت تـــي داءُ
نـــہ گـــورو ڪـــرين گهـــٽ نـــہ ڪـــو ڪـــم ســـياهه
هـــي ممتـــا جـــي آهـــي علامـــت امـــڙ

ٻچـــن جـــو نـــہ تـــون پيـــٽ بکيـــو ســـهين
گرهـــہ وات پنهنجـــي جـــو تـــن کـــي ڏئـــين
نـــہ ڪوســـو لڳـــي واءُ تـــن کـــي چئـــين
اهـــا تنهنجـــي آهـــي شـــرافت امـــڙ

ٻچـــن جـــي پڙهـــائيءَ تـــي تنهنجـــو ڌيـــان،
نـــہ تـــن جـــي ڪـــرين وقـــت جـــو تـــون زيـــان
نصـــيحت پريـــو آهـــي "صـــابر" بيـــان
منـــا ٻـــول تنهنجـــا مهـــارت امـــڙ

هڪ شهيدِ ڪربلا آ، هڪ جمهوريت جو شهيد

هـڪ ڪـي ڦاسـائيو ڦنـدي ۾، بيـو قيـد شـدت سـان شـديد

حـق متـان تـا شـير دل قربـان ڪـن اهـل وعيـال
حـق ڪـي هـٿ ۾ رکيئـون تـا ڪـين باطـل جـا مريـد

سـختيون شـهادت جـون سـهڻ يـي نـاز آ انـداز آ
نـا گهٽـائڻ تـا گهـرن اڳتـي وڌائـن تـا مزيـد

ديـس واسـي اڄ اداسـي ۽ پياسـا تـو ڏسـان
رنـج آ دل ۾ گهٽـو ۽ خوشـيون آهـن بعيـد

انـداز آسـڻ جـو ڏنـم پانـڌين سـندا هُيَـڙا هجـوم
قـل پـڙهن ختمـا هـزارين ڪـي پـڙهن قـرآن مجيـد

هـي نـہ نقشـا ڪـنهن ڏنـا هـا خـواب ۾ يـا جـاڳ ۾
سـچ چـوڻ تـي ڏيـو سـزا ڪـنهن جـو نـہ ٿيـل آهيـان خريـد

صـبر جـو قـل آ منـو ”صـابر“ سـدا ايـئن ڏنـو
هـي فيصـلو جـابر ڪيـو، هُـو فيصـلو ڪيـو هـو يزيـد

5 جنوري 1981ع

ٻڌيو نونهالن لاءِ گلشن ادب

نڪـــــــــاريو ٿَـــــــوَن آ نظـــــــــارن ادب

هـــــي ٻـــولي ٻاجهـــــاري آهـــــي امـــــڙ واري
فــــــــرض آ ڪنداســـــــــــي يقيـــــــــنن ادب

پينگهـــــي ۾ جـــا لـــوڏي ملـــي آهـــي لـــولي
ڪيـــــو منهنجـــــو تـــــنهن مســـــت آ مـــــن ادب

جـــڏهن اتـــــڻ ويهـــــڻ جـــــي لائـــــق ٿـــيم
مِنيـــــون ٻوليـــــون ٻـــولي ڪيورروشــــــن ادب

پــــــڙهڻ لاءِ جـــــڏهن مـــــان مڪتـــــب ويـــــم
وڏن جـــــــــي وڏايـــــــــو ڪهـــــــــاڻين ادب

ٻچـــــايون ادب ڪـــــي ٿيـــــا جـــوان آهيـــــون
هـــــي اخـــــلاق آهـــــي نـــــ فيشـــــن ادب

چـــوان چـــو نـــ خـــدمت جـــي لاءِ بـــار بـــار
ادب يـــــــارُ شـــــــاعر آ ضـــــــامن ادب

هـــــي تخليـــــق جـــــي لاءِ ميـــــدان وســـــيع
وڏايـــــــو آ رونـــــــق ۾ ســـــــگهڙن ادب

اوهـــــان جـــــي آ بـــــي لـــــوث خـــــدمت او ســـــاٿي
منهنجـــــي مـــــن ڪـــــي موهيـــــو محنـــــتن ادب

هـــــي ايـــــاز پـــــاتولي مـــــالهي ٻٽيـــــو آ
تـــــــ "صـــــابر" آ ان ســـــان تعـــــاون ادب

5جولاءِ 1972 ع

ديوان شوق

مرحبا صد مرحبا ديوان شوق !

توکي ساريون پيا سداءِ ديوانِ شوق!

عيد رمضان جڳ ملهائي آهي مون،
تنهنجي آئي دلربا ديوانِ شوق!

مان جڏهن پي ٿو ڪريان توسان ڪلام،
ٿو ڪرين موزون نواءِ ديوانِ شوق!

تون اهو پيغام ٿو پهچائين بس،
آهي جو جائز رواءِ ديوانِ شوق!

ڇا ته آهي تنهنجو جلوو ۽ جمال،
خوشنما راحت فزاءِ ديوانِ شوق!

حسن تنهنجي جا ئي آهن باغ ۾،
بلبلن جا چهچهاءِ ديوانِ شوق!

در ڏٺي ”صابر“ دعائون ٿو گهري،
شاد هوندين دائماءِ ديوانِ شوق!

5 مارچ 1986ع

استاد

ننڍا ٻار تو قوم جا تون پڙهائين

انهـــن ڪـــي وڏي اوج تـــي تـــو رســـائين

علـــم ۽ ادب جـــو خزانـــو ورهـــائين
ســـڏن تـــوکي ســـيئي تـــا ســـائين ســـدائين

ڇـــڏي مـــاءُ جـــي گـــود اســـڪول پهچـــن
هـــنن کـــي منـــا ٻـــول اهـــڙا ٻـــڌائين

نـــہ تـــوکي ســـهولت رعايـــت کـــا آهـــي
مـــلازم حکومـــت جـــو آنَ جيســـتائين

ڏســـي حـــال تنهنجـــو هـــي افســـوس تـــي تـــو،
غريبـــيءَ ۾ اهـــڙو ڏکيـــو تـــو گـــذارين

اســـين تنهنجـــي ســـائين حمايـــت ڪريـــون تـــا
طلـــب تنهنجـــي پـــوري نـــہ تـــي تيســـتائين

27 اپريل

هاري

هاري هر ڏيئي هر وار هن ڌرتيءَ کي خوب سنوار،
متيءَ مان تو سون بنائين ڪيمياگر آهين ڪمدار،

پوک سان تنهنجو پيار سدائين،
ريج ڏئي زرخيز بڻائين،
داڻو داڻو ٻج چٽين تون ان اپائين تو انبار،

مٽيا موتن ان کٽا تيا
سنگ ٻه سونهن پريا سهٽا تيا،
ديس ۾ هر کو اناج کائي ملڪان ملڪ تين واپار،

تتيءَ تڏيءَ ۾ ڪاهين تو،
ڏنگيءَ ڦِڏِيءَ کي ناهين تو،
پاڻ ڪٽين تو ان گنديءَ ۾ ڏئين ٻين کي ان خرار،

عظمت جو مينار تون آهين،
عزت جو اظهار تون آهين،
هر موسم ۾ تنهنجي محنت لائيندي آ رنگ هزار،

ملڪ ۾ تنهنجو مان سوايو،
”صابر“ پيدا وار وڌايو،
قلت ڪٽڪ جي ختم تي آهي سارين ڪَيَڙا سَوَ سينگار،

18 جون 1981

راءِ بهادر اوڌا داس دل ۾ رکي هئي جيڪا آس،
سول اسپتال جي صورت ۾ آخر سا تي ويئي راس،

اوڌا داس حوالي خاطر، تارا چند جي نالي خاطر،
اعليٰ اسپتال جو نقشو انجنيرن کان تي ويو پاس،

صحت لاءِ ويجهو هئي نه سهوليت، سفر به مشڪل هئي مصيبت،
شهر شڪارپور ۾ هي عمارت،ليکي ويندي آهي خاص،

چندي ڏيڻ ۾ شريڪ ٿيا جي،نيڪ مخير سيٺ گهٽا،
عبدالله هارون ۽ ليڊي نصرت هيمن، لڇمڻداس،

تار ذريعي مليو خزانو، لائلپور مان ٿيل روانو،
دنپت مل جاڻ جوان جوانو ماڻهو هُيڙا درد شناس،

سال اڻويهه سؤ پنجٽيهه تي عملو پهچي ويو هتي،
فبروريءَ ٻي تاريخ تي شروع مريضن جي ٿي تپاس،

اوڻويهه سؤ ٿئيتاليهه سال اناروهين جنوريءَ وصال،
ويس ممبئيءَ ۾ مٿيو بهادر اڄ سو آهي سرڳواس،

ڪليل شفا جا در هميشه وڃن ٿا خوش ٿي گهر هميشه،
جيڪي آپريشن ۽ علاج ويا ڪرائي عوام الناس،

عملي جو اندازو سؤ سٺ، آهي نه هاڻي هن کان گهٽ،
ڪالوني آ هاسٽل نرسن لاءِ جڙيل هڪ فرسٽ ڪلاس،

سؤ بستر جي آهي گنجائش، ميسر مهمانن جي رهائش،
ڪاج مريض مطابق خواهش بيمارن لاءِ خاص لباس،

ليبارٽري، آپريشن ٿئيٽر، ايڪسري ۽ پمپ جو واٽر،
بجليءَ جو بہ نمونو بهتر، گندي پاڻيءَ جو آ نڪاس،

ويم گهر ڏينهن ۽ رات ڪليل آ، هر ڪا ايندي اڙيل منجهيل آ،
ڏيئر ڄڻن کي پٽ ڄڻن کي جاڙن ٻارن جو اجناس،

آفيس هن جو هيڊ ڪلارڪ، ڪيش رڪارڊ جو ڪري تدارڪ،
ڊينٽل سرجن حاضر آهي ڪري ڏندن جي سدا چڪاس،

سول سرجن شيخ رياض احمد جنهن تي آهي ناز،
موجوده آفيسر اعليٰ اتس عليلن جو احساس،

ضلعي جي آ هيڊ ڪواٽر، هن جي ٿي آ حالت بهتر،
ڪن ٿا ڪوشش ترقيءَ خاطر ”صابر“ تون نہ ٿيءُ اداس،

حيدر بخش جتوئي

جتوئي تو جيڪا آهي جوت ٻاري

نئـــين واٽ تـــنهن هـــارين ڪـــي ڏيڪـــاري

وئـــي رهبـــو خـــود اختيـــاريءَ جـــو حـــق
بنـــا ويـــاج جـــي قـــرض پـــي تيـنـــدا جـــاري
بڪـــي پيـــٽ جـــنهن جـــا ٻچـــا جهـــوپڙين ۾
انهـــن جـــي آ جـــاري اجـــان آه وزاري
ملـــي بيـــدخل ڪـــرڻ جـــو چـــو تـــو دڙڪـــو
اســـان جـــي ٻنهـــي آ اســـان جـــي آ ٻـــاري
اجـــا تـــي ورهاســـت نـــه پـــاڻيءَ جـــي پـــوري
وهـــي خـــون جـــي تـــي نـنـــدي هـــت نيـــاري
ڏنـــا دور ڪيئـــي نـــه بـــدلي معيشـــت
خـــزان شـــل خـــتم تـــي اچـــي ڪـــا بهـــاري،
هـــتن ۾ آ ڏاتـــو ڪلهـــي تـــي پانجـــاري
اســـان جـــي آ ڪڙمـــيءَ ڪـــي جـــوڙي اڏاري
ٻـــڌي بوســـڪيءَ جـــو تـــو پٽڪـــو وڏيـــرو
انگـــين آ اگهـــاڙو اجـــان تـــائين هـــاري
رهـــي ڏکـــر کـــان ڏور هـــي ڏيهـــه ”صـــابر“
نـــه تـــا ديـــم گهـــرجن آ جـــن جـــي تيـــاري

ڏينهون ڏينهن في نہ وڌاءِ

او ڊاڪٽـــــــر ايـــــئن نـــــــہ ڏڪـــــاءِ

اڳـــــي هئـــــي نـــــبض ڏســـــاٽي ويهـــــ
وڏائـــــي تـــنهن ڪـــان پـــوءِ ڪيئـــي ٽيهـــ
ونـين ٿـو هـاٽي پنجاهـ- او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

ڪـــــڏهن ڪـــــو قيـــــاس بـــــہ دل ۾ ڌار
مريضـــــــن جـــــــو آهـــــــين آڌار
غـريبن ڪـي نـہ ڪٽي رنجـاءِ - او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

چئـــــون ٿـــــا تـــــوکي اعلـــــیٰ انســـــان
لياقـــــت خـــــاص متـــــاهون مـــــان
ڪـري همـدردي ڏي دلجـاءِ - او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

دوائـــــون دوســـــتن جـــــي لاءِ جـــــام
مـــــتن ۽ مـــــائٽن جـــــي لاءِ عـــــام
ليبـل اَيـن اَي(N.A) جـو عـوام جـي لاءِ - او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

رهـــــي ٿـــــو خـــــالي ســـــدا دفتـــــر
وســـــائي ويهـــــين ٿـــــو چيمبـــــر
چـوي ٿـو نائـڪ سـياٽي آءُ- او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

متـــــي ۾ لـــــت لڳـــــ جـــــي هـــــڪ
ڪئـــــي تـــــو مارشـــــل لا تـــــائين چـــــڪ
تـڏهن بـہ ٿيئـي نـہ بچـاءُ - او ڊاڪٽـر ايـئن نـہ ڏڪـاءِ

خاص ڊاڪٽر عبدالقيوم ”طراز“ شيخ لاءِ

1 ڊسمبر 1983ع

ڇا مليو تعبير آ اظهار پاڪستان جو

هــر جــوان خــوش آ ٻـديو ۽ ٻــار پاڪســـتان جــو

هـــي وطـــن اســـلام خـــاطر ملســـلمانن ڪـــي مليـــو
دؤر نئـــون جـــاري ٿيـــو نـــروار پاڪســـتان جـــو

هيءَ ڌرتـي آ سـونهاري جنهن جي مٽيءَ مٿ نـہ ڪـو
ســـاري دنيـــا ۾ بلنـــد معيـــار پاڪســـتان جـــو

تيــز ترقــي ٿــو ڪــري ۽ اوج تــي ايـنـدو وجــي
قـدرتي نعمـت سـان پُـر ڪوهسـار پاڪسـتان جـو

ڪونـــڌرن جـــا ڪنـــڌ آهـــن ســـرحدي ديـــوار ۾
جـــان نثـــارن آ ڪيـــو ســـينگار پاڪســـتان جـــو

هـــيءَ طـــرح ”صـــابر“ ڏنـــي آ ڪـــنهن وري
قائـــد اعظـــم هيـــو معمـــار پاڪســـتان جـــو

11 سيپٽمبر 1985ع

موهن جو دڙو

ڇو نہ ڳاڌي خاص پنهنجي ڪاهجي

پنهنجـــي ســاتين ڪـــي ٻـــ ات پهچـــائجي

هـــل هلـــي تهـــذيب جـــا آثـــار ڏس
تـــوکي مـــوهن جـــو دڙو ڏيکـــارجي

اج ڪـــري اتحـــاد ســـنڌي ســـپ اچـــو
زنـــدگي هيڪـــل نـــ تـــي هينـــئن گهـــارجي

ڪئـــي مهـــم هـــن ڪـــي بچـــائڻ جـــي شـــروع
ٻـــارڙن ســـاتي ســـنگت ســـاراهِجي

ڪونـــدرن جـــان ڪنـــڌ اونچـــا پـــل ڪَـــرِن
جـــوت تـــي جـــوڌن جيـــان ڏيکـــارجي

ڇـــو ونـــون بيرونـــي ملڪـــن ڪـــان مـــدد
هڪـــڙي هڪـــڙي سِـــرَ هٽـــي بيهـــارجي

اٺـــويهين آ آڪتـــوبر ڏيـــنهن جمعـــو
ڇـــو نـــ ســـيمينار ۾ هـــي ڳـــائجي

ســـوريي انســـانيت ڪـــان وڌ ســـنا
بيـــو نـــ”صـــابر“ ڪـــو تـــ ٻوتـــو ٻـــارجي

19 آڪتوبر 1984ع

پنهنجي گهر ۾ سکي تي گذارين

متان پنهنجا اباڻا وسارين

سس پنهنجي سمجهجاءِ ماءُ
پنهنجي سوهري جو رکجاءِ سماءُ
پنهنجي ڏيرن کي ڀانئجاءِ ڀاءُ
تن سين سان گڏجي تي گهارين

نه ڪي ڏيراڻين کي ڏکائج
نه نڻاڻن ڏي ئي تون نهارج
پنهجون ڀينر انهن کي ئي ڀانئج
پنهنجي مجتا ڪري تون ڏيکارين

گهوٽ پنهنجي سان گڏجي رهج تون
جيئن چوَئي اهو سو مڃج تون
ڏينهن ڏکيا سکيا ڀي سهج تون
جيئن گذارن تيون زالون هزارين

30 اپريل 1982
نعيم جي شادي تي چيل ڪلام

منظوم خط

سعيد اختر قريشي مسقط ڏانهن؛

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪريان پيش آداب سان ابتدا

سـلامن بعـد تـو لڪـان هـي صـدا

اسـان ڪـان پئـي آهـي ڪهـڙي خطـا
پـلا معـاف ڪريـو جـا تـي آ ادا

مهينـي ڪـان ڪـائي خبـر نـاهي آئـي
لڪـو حـال خيريـت جـو جلـدي جُـدا

فڪـر انتظـاري وڏي تـي وجـي
اوهـان کـي رکـي خـوش سـدائين خـدا

قبوليـنـدا سـيني مـتن جـا سـلام
هتـي خـوش آهـن سـپ عزيـز اقربـا

روانـو پنجـين اپريـل تيـو آ سـيلم
پهـچ جـو بـ احـوال آيـو نـ آ

سـليم جِـي جَـي ائـدريس اوهـان وٽ هجـي
روانـو ڪنـدا لڪـي جلـد سـا

شـميم احمـد جـائو آ اپريـل ڏهـين
سـڏيون تـا امـين ان ڪـي سـيئي سـدا

خدا بخشي ساره کي نياڻي ڏني
جهين کي سڏيون ٿا سڪ سان طيّبا

اُبو آ ڪراچيءَ ٿو لکندو رهي
اتي سڀ رهن خوش ٿا ٻار ۽ ٻچا

اميد آهي هاڻي نہ محروم ٿيندس
لکي خط جوابي نہ ٿيندا خفا

ٿيو آهي نادر ٻہ وِتَ ۾ سَگهو
ڪري ٿو هون هون سان اگاءِ اگا

اسان سڀ پريشان آهيون هتي
هي پرديس آهي يا آهي سزا

انهيءَ ڪان تہ هت خوش گذاريون پيا
هي کهڙين گهڙين جو ڏسون ٿا لقا

اسان کي ٿو اُلڪو ٻنهي جو رهي
انهيءَ لاءِ خط جلد ئي لکندا

چڱو هاڻي خط کي ختم ٿو ڪريان
مئي اٺتيهن ڏهہ لڳا رات جا

نہ ڪر ياءُ ”صابر“ کي هيئن منتظر
لکي خط ملاقات ڪر اڌ يلا

29 مئي 1981ع

پياري سنڌ او پياري سنڌ، منڙي ۽ موچاري سنڌ

توتـــان قربـــان هـــر ڪـــو ســـنڌي، ڪـــامورو چـــا هـــاري ســـنڌ

تـــولاءِ ســـڀ ڪـــي پيـــار آ ســـنڌڙي ڪيئـــي قربـــان ڪـــري ويـــا جنـــدڙي،
تـــولاءِ ســـڪندا وياســـوين ئـــي لعـــل لطيـــف ۽ مـــارئي ســـنڌ
پيـــاري ســـنڌ او پيـــاري ســـنڌ، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـنڌ

تـــو ۾ عاشـــق نپيـــا گهڻـــائي ذڪـــر تنـــين جـــو ڪـــرڻ اجـــائي،
راڻـــو، چنيســـر، عمـــر، ميهـــر، منصـــور ســـچل ۽ آري ســـنڌ،
پيـــاري ســـنڌ او پيـــاري ســـنڌ، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـنڌ

تـــو ۾ هوائـــون جهـــولا لڳـــن وڻ تـــڻ لامـــان ســـڀ لـــڏن،
اچـــي خـــزان ۾ پـــن ڪـــرن هيڪـــل تـــي تـــي تـــاري ســـنڌ،
پيـــاري ســـنڌ او پيـــاري ســـنڌ، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـنڌ

تنهنجـــا ميـــوا گـــل پـــاچيون ســـايون، بـــاغن ۾ تيـــون جمـــن ۽ چـــايون،
ڪوئـــل چيهـــا چتـــون، چمـــن ۾ بلبـــل ڪـــي آبهـــاري ســـنڌ،
پيـــاري ســـنڌ او پيـــاري ســـنڌ، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـنڌ

هـــر جـــا نظـــر تـــوکي اينـــدي چوپـــاري قيـــري ڏس تـــون منهـــن چـــوڌاري،
هـــر هـــڪ بـــار رذل تـــون ڏســـندين بـــارن ۾ آ بـــاري ســـنڌ،
پيـــاري ســـنڌ او پيـــاري ســـنڌ، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـنڌ

تــو ۾ پوڪــون نــين تيــون ظــاهر ان تئــي تــو تئــي تــي ٻــاجھ،
جــو جــوار متــر تِــر ڄــانيو، ڪڻــڪ ســرنھ ۽ ســاري ســند،
پيـــاري ســـند او پيـــاري ســـند، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـند

رســـتا ســـند ۾ صـــافي آهـــي پرديســـي يـــي ڪـــافي آهـــن،
ســـفر تـــا ڪـــن بيـــل گـــاڏين ۽ ڪـــي طلـــبن مـــوٽر لاري ســـند،
پيـــاري ســـند او پيـــاري ســـند، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـند

ظلــم گھڻــا تيــا تــوتي زوريــون سنڌين حــق لاءِ جــانيون گھوريــون،
تــن جــوڌن ڪــي جــس هجــي جــن جــانيون ڏيئــي جيــاري ســند،
پيـــاري ســـند او پيـــاري ســـند، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـند

ســـند صـــوبو تيـــو وري بحـــال، پهـــرين جـــولاءِ ســـتر ســـال،
اربــع تــي تــي خوشــي ســين ڪــي، هنــدن ملهــائي ڄــڻ ڏيــاري ســند،
پيـــاري ســـند او پيـــاري ســـند، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـند

تـــو ۾ جيجـــل جنـــدڙي جـــالي، صـــابر پنهنجـــو لاش ســـمائي،
وڏڙا جميـــا نپيـــا هتـــڙي، ســـيني عمـــر گـــذاري ســـند.
پيـــاري ســـند او پيـــاري ســـند، منـــڙي ۽ موچـــاري ســـند.

سنڌ جي مون گهري آزادي آ

چو وئي هي وڌي بربادي آ

هت خون خرابو آ چو ٽيو، ڦر لٽ ۽ قتل ڪنهن آهي ڪيو
دهشت جو وڃي وارو آ ويو، ويران ٿي وئي آبادي آ

سياست جو ڇڙيو آهي ڇَرچو، هرڪو ٿو ڪڍي پنهنجو پرچو
ڏئي سات سنڌي پاٽهي سرچو، دشمن بہ ٿيو اتحادي آ

جت مارون اسان جا پيا مرڪن، ات جاري حملا روز ٿين
گهر گهاٽ ڇڏي ڪيمپن ۾ رهن، هي ڪهڙي ملي امدادي آ

17 جولاءِ 1990ع

اباڻن ڪکن ڪان ڪيون چو ڪنارا

سـجڻ سـات ڏيـو هـي ڏسـو تـا نظـارا

پـلا ڏاڍ اهـڙو اسـان تـي ئـي چـو آ
اڳـي پـي تــ گـڏجي ڪيـا هـا گـذارا

مِنـي مـات هئـي سـا مُنـي مـات ٿـي پئـي
هڻـين هـاڻي هـر ڪـو ٿـو نـروار نعـرا

نـ ڪـو يـار پنهنجـو مـددگار آهـي
سـڄاڻي ڏناسـون صـفا هـي سـهارا

منـو ٻـول ڪـوئي امـن جـو نـ ٻـولي
اسـان کـي تـ پنهنجـا پـراوا بـ پيـارا

ڏيـڻ سِـر زمـين تـي روايـت اسـان جـي
ڪنـا ڪيئـي ڪونڌراسـان جـا ڪنـوارا

اتـو مـال مـڏيون لُٽـائي بـ ”صـابر“
بچـايو سـنڌي کـي سـپ خـدارا

30 جولاءِ 1990ع

سنڌ سان پيار ڪيو- اَهڙو اقرار ڪيو

چــو نـــ دشــمن بـــ ڏِســن - نيــنهُن نِـــروار ڪَيــو
ســـنڌ ســان پيـــار ڪيـــو

رت جـــي رانـــد هَلـــي - ڪـــا نئـــين چـــال چَلِـــي
ڪـــو قبـــائي چـــالاءِ - حـــق جـــي ڳالهـــ پَلِـــي
چــو تـــا تڪـــرار ڪيـــو
ســـنڌ ســان پيـــار ڪيـــو

چـــــو ســـــتايو ظـــالم - چـــو متـــايو حـــاڪم
ســـنڌي رهنـــدا ســـدا- قيـــام تـــائين قـــائم
ســوچ ســؤ بـــار ڪيـــو
ســـنڌ ســان پيـــار ڪيـــو

صــدقي مــان ســاهـ ڪنــدس بــي ســان چــو نــاهـ ڪنــدس؟
جـنهن جـو حـق آهـي هتـي تـنهن سـان مـان چاهـ ڪنـدس
اهـــڙو وهنـــوار ڪيـــو
ســـنڌ ســان پيـــار ڪيـــو

مـــان چـــوان تـــو "صـــابر" گـــڏ تـــي آيـــا جـــابر
فيصـــلو ڪيـــر ڪنـــدو، ڪـــو ڏســـي هـــي تـــاثر
پنهنجـــو ســـردار ڪيـــو
ســــنـــڌ ســـان پيار ڪيو

7 جولاءِ 1990ع

ڇو ڪُٽيو ڇو لٽيو ٿا توهان،

هن ڌرتيءَ جا وارث اسان
آزمايو اڃا، آزمايو اڃا

سڀ سنڌ جي حفاظت ڪندا، حرف آڇڻ نه ڏيندا ڪڏهن
حق جي هي حمايت ڪندا، پنهنجي ظاهر شرافت ڪندا
پُٽ ڪٽي ڏاڍ ڪيو ڀَل بيداد ڪيو، ٿيندي آخر فتح اڄ سيان
آزمايو اڃا، آزمايو اڃا

ڇو وڌو آ خلل ظالمن، هن ڌرتيءَ جا دودا ڏسو
بي سهارا پڪارون ٿا ڪن، بي گُناهن تي گوليون وسن
پير ڪر تون پري غير ڪيئن پي ڪري، تنهنجو پاڇو نه قاتل پسان
آزمايو اڃا، آزمايو اڃا

ڪا پڇا آ نه دهشت وڌي، حق جيئڻ جو به ويو آ کسيو
آهي قانون جي اک انڌي، ڪيو "صابر" سنڌي اڄ ٻَڌي،
ڪجھ ڪٽي اک پٽيو، ڪاڏو آ ڪنهن ڪٽيو، پنهنجي کولي ٻڌايو زبان
آزمايو اڃا، آزمايو اڃا

1 جولاءِ 1990ع

انصاف ڪر

روز ٻڏائن حال مٺا، اَمن امان بحال مٺا

پــوءِ بــہ اســان ڏي لاش اچــن تــا مچــي وجــي ڪهــرام
انصـاف ڪـر انصـاف ڪـر

ڇا مهمـانن ڪـي مـان ڏيـڻ، ڇا ٻـي گهـر تـي احسـان ڪـرڻ
ڪـو ايڏو ڏوهـ تـہ نـاهي مٺا، جـو ڏوتـن ڪيـو دهمان ڪـرڻ
هي ووٽ جي مـوت ملي آهي يا جيءُ جي ڦـوٽ ملي آهي
انصـاف ڪـر انصـاف ڪـر

ڇـو گهـر ڏٺـي ٻـي گهـر تيـا، هـت دهشـت گـردن ڦهـر ڪيـا
مـان سچ چـوڻ ڪـان ڪيـئن رهـان، هـو ”صـابر“نـور نظـر هيـا
هـي ڪمـزوري آ حــاڪم جـيءِ يــا بيـدردي آ ظــالم جـي
انصـاف ڪـر انصـاف ڪـر

ڪنهن جيئري محشر آهي ڏنـو پـٽ پـيءُ جي اڳيان آه ڪنـو
زالـن جا ويا وَر وَرِ چڙهـيءِ ڪـٿ ڀيڻ جي سِرَ تـان رئـو لٿـو
هـر گهـر برٻـاد ۾ آبيـواه، تـو ڪـا نـہ ڪميٽـا ڪـئي سـانجهـ
انصـاف ڪـر انصـاف ڪـر

ســي رت ولــوڙي ڏينداســي ۽ زهــر پيــالو پيئنداســي
هـن ڌرتـيءَ خـاطر مقتـل تـي يـر هـر هـر حاضـر ٿينداسـي
تـو مـال غنيمـت آ سـمجهو، پـر ”صـابر“ عظمـت آ سـمجهو
انصـاف ڪـر انصـاف ڪـر

8 جون 1990ع

حڪومت جي دعويٰ تا ڏاھيون اڏا،

نشي جا ۽ اسلح جا، جاتي ڪڏا،

لڳو ڪرفيو ۽ شروع جاچ تي،
اتيو ھڪڙو ٽولو ڪيا جنھن ڦڏا،
ھلائي وڏي زور سان بلڊوزر،
ڀڃايئون حريفن جا آخر تڏا،
وھيو خون ناحق آ بيروت جانءِ،
ٿيا خاندانن ۾ ڪيئي جڏا،
جڏھن جنگ جون مون ھي خبرون ٻڌيون،
شھيدن جا لبنان ڪان انگ وڏا،
نہ ڪنھن قياس معصوم ٻارن تي ڪيو،
سڙيو ماس ڪنھن جو بچا ڪي ھڏا،
ھي ماحول ڪھڙو آ ٻڌجي ويو،
جتي ھر گھٽيءَ ۾ ويا پئجي تڏا،
ھتي ھر ڪنھين قوم وارو اچي،
نوان تا لھن روز ھتڙي لڏا،
نہ بندش آ ڪنھن تي اچڻ ۽ رھڻ جي،
اچي تا ويھن پنھنجا ٿيڙي چڏا،
ٻڌائن تا اقليت ۾ سوچو اوھين،
ائين ئي تہ ”صابر“ تي ويھندا وڏا،

5 نومبر 1987

ملڪ جا آهيو محافظ قوم جا قاتل نہ ٿيو،

جيتـــرا آهيـــو بهـــادر اوتـــرا بـــزدل نـــہ ٿيـــو،

چـو ڪريـو ٿـا روڪ رسـتن تـي اوهـان نـا جـائزي،
گهـوٽ ٿـا گـولين سـان گهـايو ايتـرا سـنگدل نـہ ٿيـو،

ملـــڪ جـــا معمـــار آهـــن قـــوم جـــو ســـرمائيو،
تــن ڪــي مــارڻ ۾ اوهــين اي شــير دل شــامل نــہ ٿيــو،

حڪـم جـي فرمـانبرداري بـہ ڪـنهن حـد تـي هجـي،
وڪ وڌائـي ويڪـري اهـڙا اوهـين قابـل نـہ ٿيـو،

شـهر جـي رونـق ڏسـي لاهـي لـڏو وينـؤ اوهـين،
سـرحدن جـي سـار لهنـدو ڪيـر هيـئن ڪاهـل نـہ ٿيـو،

روز شـــهرن جـــا شـــهر ۽ ڳـوٺ ٿـــا ويـــران ڪيـــو،
اوچتـــا حمـــلا ڪـــري ۽ مـــوت جـــان نـــازل نـــہ ٿيـــو،

عـــزم ڪريـــو يـــاد آ جيڪـــو وفـــاداريءَ ســـندو،
پنهنجـي واعـدي کـان بـہ "صـابر" ڪـا گهـڙي غـافل نـہ ٿيو،

17 سيپٽمبر 1984ع

عيد مبارڪ

اڄ ديس ۾ آئي عيد عجب

جـــو ســـيني ســـاري عيـــد ڪئـــي

مـــان وهـــم متـــائي ماضـــيءَ جـــا
ســـپ ســـور وســـاري عيـــد ڪئـــي

مـــومن مڙئـــي گـــڏجي پيـــا هلـــن
هـــن ســـهڻي ســـهاني ســـاعت ۾ڪئـــي

ڪـــنهن جـــو ڪلنـــدي ڪلنـــدي وقـــت ڪَٽيـــو
ڪـــنهن ڳوڙهـــا هـــاري عيـــد ڪئـــي

بيت

سڏيو سنڌ توکي اٿي آ پٽائي

الائي چو قسمت ڦِٽي آ پٽائي

چئوسٽو

مان سک جو آهيان سوداگر

ڪـــو مـــاٺهو مـــونکي مـــرڪ ڏئـــي
پـــر حـــال ڏســـي هـــي خيـــال ڪـــيم
هـــت بـــي ملهـــ هرڪـــو لـــڙڪ ڏئـــي

او قاتل ويٺو کهندو رهہ قربان هزارين ٿي ويندءِ

ڪــر روز روانــہ لاش پلــي ميــدان هــزارين ٿــي وينــدءِ

هــيءَ آهــي ڄــاين جــي ڌرتــي پــر آيــن ڪــي ڇــو آ پرتــي
ڪــر پيــر پليــد پــري پنهنجــا نقصــان هــزارين ٿــي وينــدءِ

هيءَ ناهي ننگري حاڪم جي ڪنهن بالم جي ڪنهن ظالم جي،
آهــي پــونءِ پــلاري پــائرن جــي نگــران هــزارين ٿــي وينــدءِ

هي مــاڳ محبت ســان پريــل تــون ڪوتــا آهيــن اصــل ڪريــل
نڪي تنهنجو ديس نہ تنهنجو نسل نيشان هزارين ٿي ويندءِ

تنهنجو مقصد رهندو اڻپورو ٿيندو ڪيل ختم جلدي پورو
هــيءَ جُــوءِ نــہ ڏينــدءِ جــاءِ ذري فرمــان هــزارين ٿــي وينــدءِ

2 آگسٽ 1990ع

علم پرايو آن وڌايو شان وڌايو مان وڌايو

هن لاڪيٽي لوءِ جي خاطر پنهنجو پاڻ کي هاڻ ملهايو

هاڻي وٽن تعليم تا بالغ ڪاڪا چاچا تون ب پڙهي وٺ
ٿيو داخل جلدي ۽ اوهان مفت ۾ پنهنجو مان ڪرايو

جيجل جو جنسار ڏسو ڪيئن جڳ مڳ جڳ مڳ آ
رونق هن جي رٽن پٽن تي بر تر تان اڏايو

ڏسو علم جي شمع جلي تي ڪرٽا جنهن جا روشن روشن
راهيءَ ڪي تا راهہ ڏيکارن منزل ڪي آسان بنايو

اخبارن ۾ پنهنجي اشاعت پنهنجا گيت ۽ منٽرا مضمون
افسانا آڪاٽيون پنهنجا جلدي هاڻ ڇپايو

مڪتب ۽ اسڪول ۾ چا ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾
آفيسن ريڊئي ٽيليويزن تي طوفان مچايو

ادبي ڪتابن اخبارن کي خوب خريديو خوب خريديو،
پاڻ پڙهي جي پڙهي نہ سگهو ٻي ڪان اهو پڙهايو

21 مئي 1973ع

ترواسي

جئرو جوين ساھ نہ آهي

چئـــــ تـــــ انهـــــيءَ ســـان ثاهـــــ نـــــ آهـــــي

هــــــڏڙن جـــــو آ پيجـــــرو مــــــاڻهو
جــــــنهن تـــــي گـــــلَ ۽ ماھُـــــ نـــــ آهـــــي

ڪـــــين گهـــــرن تـــــا واهـــــ ۽ نـــــديون
ڪـــــنهن ڀـــــي چـــؤڪ تـــــي چاهـــــ نـــــ آهـــــي

تـــــين تـــــا گجگـــــوڙ بـــــ تـــــر ۾
وســــڻ تـــــي ويســـــاھ نـــــ آهـــــي

ڪـــــو نـــــ ملِـــــي امــــــداد ابـــــوجهن
ڪـــــنهن ڪـــــي پيـــــو ڪهڪـــــاءُ نـــــ آهـــــي

ڪـــــڏهن تـــــ ڪرنـــــدو ميـــــنهُن مَـــــنَهَنِ تـــــي
ڊؤر ڊِگـــــا هـــــن گاهـــــ نـــــ آهـــــي

ڏڍُ ڏبـــــو آ يـــــار ڏڪـــــين ڪـــــي
چنـــــدن ڪـــــي ڪـــــو چاهـــــ نـــــ آهـــــي

رزق جـــــو مالـــــڪ خـــــدا آ ”صـــــابر“
بـــــڪ ۾ مئـــــو ڪـــــو ســـــاھ نـــــ آهـــــي

نظم - مٽيءَ جو مانُ

هن مٽِيءَ جو تو مان ڇوان،

اڄ اهڙو هڪ اعلان ڇوان،

غم ڪان هڪڙي عورت گھايل،
چتا چڙيل ۽ منهن ڪوماٽيل،
ويني پيئي ڏوڙ وسائي،
پار ڪڍي ارمان ڇوان، هن مٽيءَ جو تو مان ڇوان،

ڪنهن شخص ڪي ڪاوڙ جو آئي،
تنهن چيو پيءَ منهن ڇائي،
هن طرح غصي ڪي گھُٽي ويو،
ڪيئن ڪاوڙ تي قربان ڇوان، هن مٽيءَ جو تو مان ڇوان،

هن ڪي ننڍڙا بالڪ پانئن،
گوهي مٽي روح ريجھائن،
واه واه جا رانديڪا ٺاهن،
هوش ٿئي حيران ڇوان، هن مٽيءَ جو تو مان ڇوان،

ڪتي سنواريل لاش ڏٺم،
ڪت الحد جي ب تلاش ڏٺم،
مڻ مٽيءَ جي هينان لٽِبو،
ڪو هڪڙو اڄ انسان ڇوان، هن مٽيءَ جو تو مان ڇوان،

هن گاري مان تا ڪوٽ نهن،
جي ڪوٽ ڪرن تا ڍير تين،
انسان بہ پتلو خاڪي آ،
هن مٽيءَ جو چا شان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

ڪو چوي تہ خاڪ شفا آهي،
شايد ڪو ان ڪي بقاء آهي،
ڪو ان ۾ راز لقاء آهي،
هيءَ مٽي مهربان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

هٽي گليلا ڪن شڪار،
وجهي ڪمان ۾ هڪلن جهار،
هيءُ تہ عجب آهي هٿيار،
هن جو چا ميزان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

هن مٽيءَ جي خوشبوءِ وٽي،
جا مُشڪ وعنبر ڪان بہ گهٽي،
ڪنهن مٽ پري چو (چيو) قسم ڪٽي،
منهن جو سرهن تان قربان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

پيرن جي پئي ڪو بٽجي پٽي،
ڪٿ خاڪ نشيمن جي چوٽي،
ڪي سرمو سمجهي تا پائن،
هي سونهن پريو سامان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

هـــيءَ مـــارئيءَ جـــي مينـــدين ۾ پـــري،
ڪـــــنهن سَـــــرِتيءَ ســـــينڌ ۾ وڌي وري،
ڪـــي ســـانديي رڪـــن ســـوغات ذري،
هي الفت جو عنوان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

هـــي ٻڄـــي ڪـــڌهين چـــپ ڪـــري،
تـــي چـــاپڙ چـــاپڙ پرنـــدي ڳـــري،
هـــي پـــوڪ پچـــائي ان ڪـــري،
تو رب ڪري احسان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

هـــي منهنجـــي ديـــس جـــي آ ذرتـــي،
هـــيءَ ســـجدي خـــاطر آ ورتـــي،
هـــيءَ ذاريـــن ڪـــي چـــو آ پرتـــي،
هي مونکي آ ارمان چوان، هن مٽيءَ جو تو مان چوان،

چيڪـــي مٽـــيءَ مـــان تـــو ڪنيـــر
نـــاهي تـــانوَ ڪـــم آٽيـــون گهـــر گهـــر
چنـــديون گـــسَ غُبـــار چـــوان

گـــارو ۽ گـــچ پـــي تـــا لنبيـــون
جائونـــٺ نـــاهيون ســـهٽيون پختيـــون
جـــي آهـــن پهريـــدار چـــوان

27 ڊسمبر 1971

جنهن جنهن جي گنديءَ ۾ داٽا آهن تن جا چريا سياٽا

ڪي ڪي ماٺهو پنڻ هاٽا، ڪي ڪي شوق ڪرن شاهاٽا

ڪي ڪي ماٺهو يار نماٽا، ڪي ڪي ماٺهو ال اياٽا
ڪي ڪي ماٺهو سگھڙ سياٽا، ڪي ڪي ماٺهو راڄن راٽا

ڪي ڪي ماٺهو نوان پراٽا، ڪي ڪي ماٺهو اڄ ساماٽا
ڪي ڪي ماٺهو مڪڻ چاٽا، ڪي ڪي ماٺهو اڏائن ناٽا

ڪي ڪي ماٺهو ساهه سيباٽا، ڪي ڪي ماٺهو سورن ساٽا
ڪي ڪي ماٺهو موتيءَ داٽا، ڪي ڪي ماٺهو پٿر پاٽان

ڪي ڪي محلن ۾ ويڳاٽا، ڪي ڪي پائن پٿون پاٽا
ڪي ڪي مَڇِن مار مهاٽا، ڪي ڪي ڪائن للر لاٽا

ڪي ڪي وڪڻن چونڪيون ٽاٽا، ڪي تہ ونن تا طول ويهاٽا
ڪي ڪي ماٺهو مان بہ سجاٽان، ڪي ڪي شهري ڪي ڳوناٽا

ڪي ڪي ماٺهو انڌا ڪاٽا، ڪي ڪي ماٺهو اورن اوراٽا
ڪي ڪي ٻول ڪرن ٻاراٽا، ڪي ڪي ”صابر“ ڪن تا ماٽا

جيجل

سوچ جو آهي عقل سان واسطو

سو توهان جيجل امڙ کان آ پڇو

۽ ختم ٿيو روزگاريءَ جو ڏچو
عقل واريءَ هوڙ جو مليو پتو

خيال آهي خام ۽ هڪ خال آ
خيال سان ئي سوچ ۾ ٿي چو پچو

تو مبارڪ پيش ڪريان پئي قبول
اي جفا ڪش تون ڪيو آهي سُنو

مختصر آهي اوهان سان ملڻ ٿيو
”سوچ“ وارو اڄ پڙهيو آ مون حصو

آ سني ترڪيب ۽ ترتيب آهه
طرزِ تحرير ۽ مضمون ۾ آهي مزو

پنهنجي ڪوشش ڪي سدا قائم رکو
سوچ لاءِ لوچي اوهين سڀ ڪجهه لکو

تا ڪريو ڪاوڙ ۾ ڪجهه برتن زيان
پر اٿوَ دشمن عقل جو ئي غصو

مـــا پڇـــان ڪـــنهن ڪـــان نـــہ هـــت منهنجـــي امـــڙ
آ ٻنيهـــــي وات ۾ ان هـــــوڙ جـــــو ڪهـــــڙو ڪٿـــــو

”صـــابر“ ٻـــہ تـــي دل ســـان اڪـــر آهـــن لکيـــا
رنـــــج جـــــي پهچيـــــوَ ڪـــــو معـــــافي ڏجـــــو

بنام
جناب نذير چنا صاحب
ايسوسيئيٽيڊ ايڊيٽر روزانہ ”ناظم“ شڪارپور
ڪالم نويس”سوچ“ 1981ع

غريب جو گذارو

غريب جو گذارو ڏاڍو ڏکيو ٿيو آهي

ڪــــاڏي وجـــي ويچـــارو ٿنگجـــي پيـــو آ ڦـــاهي

پيـــٽ نـــہ پـــالي ٻـــارن جـــو انـــگ اگهـــاڙو آ اڪثـــر
پيـادو سـفر ڪـري ٿـو هـن ڪـي ڪـاڏو نـہ آهـي ميسـر

ڪٿـــي هـــو وڃـــي ٻـــار پنهنجـــا پڙهـــائي
ســــدائين آ خــــوش هــــو پيــــو ڍور چـــاري

وڃـــي ڪـــاڏي آخـــر هـــو بيمـــار ٿينـــدو
ڦڪيـــون پيـــو ڦڪينـــدو تـــڏهن تيـــار ٿينـــدو

ٻـار وڏو ڪـم ڪـار جـو هـن تـي چسـتي هـردم چـاهي
غريـــب جـــو گـــذارو ڏاڍو ڏکيـــو ٿيـــو آهـــي

ملي ڪڪڙ ڪان مچي مهانگيءِ گوشت نـہ ڪـوئي ڪـائي
ميـوي جـي لاءِ مانـدو هـر ڪـو وينـو سـاهہ سِـڪائي

پچـــي دال مـــاني پلـــو پـــاڳ آهـــي
ڪُنـــي ۾ پَلِـــي ۽ سِـــرنهَن ســـاڳ آهـــي

چڙهـــي چـــوٽ اگهـــہ هـــر شـــيءِ جـــو ويـــو آ
خبـــر نـــاهي ڪهـــڙو اهـــو در ڪليـــو آ

ڪتــان اچــي هــن ڏيهــ ۾ هــاڻي ڏڪــر پيــو آ ڪــاهي
غريـــب جـــو گـــذارو ڏاڍو ڏکيـــو ٿيـــو آهـــي

ملهــ نــ آ محنــت جــو پــورو پــورهئي تــي آهــي پهــرو
ظـــالم جـــي صـــورت ۾ آهـــي ڏاڍو ســـهڻو چهـــرو

عـــدل پـــي نـــ هـــن ڪـــي پلـــءِ پئـــي ســـگهي تـــو
مـــري هـــو تـــڏهن ئـــي بکـــن جـــي وگهـــي تـــو

نظـــر ۾ نـــ آيـــو ڪـــو هـــن ڪـــي ســـهارو
الائـــي چـــو پنهنجـــا ڪـــري ويـــا ڪنـــارو

ڏکـيءَ سـکيءَ ۾ هـو تـہ وجـي تـو ”صـابر سـات نبـاهي
غريـــب جـــو گـــذارو ڏاڍو ڏکيـــو ٿيـــو آهـــي

18 جولاءِ 1990ع

زندگيءَ جي صدا آهيان، ڇو ٿيو بي بقا آهيان

موت منزل نہ آ منهنجي، موت جو رهنما آهيان

درد دل ۾ پيا دکندا،
بي وس بي خطا آهيان

ساھ جي ڏور آهي جتي
پيار جي ات پڇا آهيان

پور پل پل پون مونکي
توکان جانب جدا آهيان

مل وري يار ڪر محفل
ڇا يلا بي وفا آهيان

مونکي اهڙي خبر هئي نہ ڪا
مان بہ ٿي ويو گدا آهيان

دل جو سودو ڪيو "صابر"
سو تہ سمجهو صفا آهيان

تنهنجو آهيان تنهنجو آهيان،

توســـــــان ڪهـــــــــڙو ســـــــــينو ســـــــاهيان،

مـــــــونتي تنهنجـــــــي مهـــــــر نظـــــــر آ،
تنهنجـــــا ٿـــــورا ڪيـــــئن مـــــان لاهيـــــان،

وک وچـــــــڙي ٿـــــــي واٽ نـــــــہ وســـــــري،
قـــــدم وري پـــــي تـــــو ڏانهـــــن ڪاهيـــــان،

پيـــــار تـــــي هونـــــدا آهـــــن پهـــــرا،
دوڪـــــــي جـــــــون ديـــــــوارون ڍاهيـــــان،

جـــــيءُ جڙيـــــل آ توســـــان جـــــاني،
مـــــان پـــــي واپـــــس ورڻـــــو ناهيـــــان،

تنهنجـــــــي جـــــــدائيءَ جانـــــــب جهوريـــــــو،
تـــــو بـــــن هرپـــــل ســـــال ٿـــــو پانئيـــــان،

خـــــواب بـــــہ پنهنجـــــا تـــــوکي ســـــونپيا،
بيـــــو ڪجهـــــہ ”صـــــابر“ چـــــا لاءِ چاهيـــــان،

22 مارچ 1987

وائي

روز هنن رستن راهن ڪان تنهنجا پچايان پار،
مون ڪان نہ ٿي تون ڏار، او سهڻا سائين

ڪيئن ڪيان مان هاٽي، ڪاڏي وڃان مان هاٽي،
روز روئان ٿو زارؤن زار.....سهڻا سائين

ڪنهن کي ڏسيان کهاٽي، سنگت نٿي سجاٽي
تون بہ ڪائين ٿو خار.....سهڻا سائين

ريت رسڻ جي ڇڏ تون، هاٽي پرچڻ جي ڪر تون
وري ملون مننار.....سهڻا سائين

وڃ قرب ڪري، توڪان سوا نہ سري
دم وڃئي ٿو يار.....سهڻا سائين

سگهو وري ملي تون، سامهون اچي ڪلي تون
”صابر“ جي لهہ سار..... سهڻا سائين

هيءَ ڳالهہ آ پر ڪيف دلفريب نظارن جي

ڪاڪـــل ۾ ڪيـــءِ قيـــد آ دل، ســـوچ ســـهارن جـــي

ابـروءَ جـي ڪـمانيءَ مان ڏسو ڪان تا ڪيئن نڪرن
پنبـڻن جـا پسـي ڪـوئي پيڪـان تـا ڪيئن نڪـرن
ظـــاهر آ اهـــا حالـــت نيـــڻن جـــي نهـــارڻ جـــي

واســـينگ ڏنـــم زلـــف جنـــين مـــونکي ڏنگيـــو آ
واهـــ واهـــ مـــروڙي تـــو تنـــين کـــي بـــ تنگيـــو آ
ڪيـئن سـينڌ سـنوارين ٿـي خوشقسـمتي وارن جـي

گـــڏجن بـــ جنوانيـــون تـــ هـــو بـــدنام ٿـــين
هـــي يـــار تـــ ســـهڻو آهـــي الـــزام ڏيـــن
پرواهـــ ڪبـــي ڪهـــڙي مهـــڻن ۽ ميـــارن جـــي

ســنبرڻ بــ تــ ســولو نــ آ نڪــرڻ بــ آ مشــڪل
نڪـــري تـــ هلـــي مـــون وٽ پهچـــڻ بـــ آ مشـــڪل
ٿـــي واعـــدو وفـــا جيڪـــر مهربـــاني آ پيـــارن جـــي

خـــاموش ڏنـــم خـــار ۾ خونمـــار ڏســـان ٿـــو
چشـــمن جـــا بـــ چمڪـــار اکيـــون چـــار ڏســـان ٿـــو
”صـــابر“ ٿيـــو بيتـــاب لڳـــي آهـــي اشـــارن جـــي

4 فيبروري 1973ع

وائي (مالهي)

ڀنورا ٿا رس چوسن، مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

هي حالت ڪيئن هاڻي سهبي، ڏيو تہ جواب ڪو جوڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

آئي مند بهار جي ڏيندس، ولين رت ولوڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

جت بلبل پيي مسرور هئي، ات ڪانگ رڙن ٿا ڊوڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

ڇا رونق مشهور هئي، سڀ وڻ وڍن ٿا ووڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

هر ڪنهن جا دعا لاءِ هٿ ڪڄن، رکوال ويو منهن موڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

خدمت ٻوٽن جي ڪئي ”صابر“ بينا پير سي ڪوڙي
مالهي گل ڇڏي ٿو توڙي

منهنجي مسڪن اڳيان تون اڳهاڙي وئين

مـــان بـــ زنـــده هـــيس چـــو لتـــاڙي وئـــين

مــون خطــا ڪــا نــ ڪئــي تــون ســزا چــو ڏنــي
ڏيـــنهن ڏنـــي جـــو وري دل اجـــاڙي وئـــين

چــو نــ تــوڪي چــوان بــي رحــم بــي وفــا
راهــ ۾ چــو رُڪــي مــون کــي تــاڙي وئــين

تــون رواج ۽ رســم کــان اجــا ٿــو ڊڄــين
قــرب وارن ڪتــابن کــي ڦــاڙي وئــين

مــان تــ خــاموش ”صــابر“ ٿــي وينــو رهــيس
تــو بــ ڪجهــ نــ ڪچيــو هِــن ڏهــاڙي وئــين

12 مئي 1985ع

اڄ تون نہ آئين وري عيد آئي

پـــائي ڏس تـــون جهـــاتي نهيئـــي ڪيـــئن جـــدائي

اســـــين روز راهـــــون نهـــــاري ٿڪاســـــين
پلـــــي تـــــون پلائـــــج وعـــــدي وفـــــائي

اڱـــــڻ ڪـــــي اجـــــاري ٻهـــــاري چـــــڏيو آ
نئـــون ڪـــو بـــہ اينـــدي ڏنـــو ڪونـــہ راهـــي

گهمـــين تـــو گهڻـــا در اســـان ڏي بـــہ ڪـــڻ ڪَـــرَ
رهـــــين رات ڪـــــٿ آ پلـــــڪ لاءِ پڪـــــائي

ملـــڻ لاءِ ڪيـــو ٿـــي مـــون ســـان بـــہ واعـــدو
ڏنـــي ســـي ڪچـــائي ڏنـــي ســـي ســـچائي

ڪنـــدو ڪيـــر واعـــدي تـــي اعتبـــار بيهـــر
اهـــا ئـــي تـــہ آهـــي اســـان جـــي ڊرائـــي

اجهـــو عيـــد وارو ”صـــابر“ ڏيـــنهن آيـــو
ڏســـي مـــان پلـــيس چنـــڊ جـــي روشـــنائي

(1972ع)

غزل

غم آهي تنهنجو گهڻو مونکي مٺا منٺار
قيد قربن ۾ ڪيو ماڻن مونکي دلدار

لات ٿو هر دم لنوان ۽ تات تنهنجي دم بدم
هو هو ڪريان ٿو هر گهڙي آهي اها پڪار

آهين مون کان دور چو؟ هر دم رهان مجبورٿو
چپ ڪريان جي مان ٿو ڪائين تون ٿو چا ڪئون خار

مون کان جي ڪجهه آ ٿيو سو معاف ڪر نالي خدا
مان تہ تنهنجو آهيان پر تون ڪٺين چو ٿو ميار

عشق تنهنجي ۾ اچي پنهنجي وڃائي زندگي
رحم ڪر مونتي مٺا چو ٿو ڏئين آزار

باغ تنهنجي ۾ مٺا گلڙا سدا ٽڙندا رهن
ڏي ٻہ ٽي گلڙا پٽي ٿاهي مان پايان هار

آهي سمجهو مون نہ ڪو جانيون جدا آهن جگر
تنهنجو مان ۽ منهنجو تون پر آهي قسمت ڏار

سٽج ڪا "صابر" سندي سهڻا صدا آهي ڪئي
چو ڪرين ٿو تون حجاب سامهون اچ هڪوار

(1971ع)

چاتي چلڪئي چو ٿي چوري

پوءِ به نه پائين پوتي چوري

آڪيري جانءَ وار ويهاري
چگ چَهُو ڪيـءِ چوٽي چوري

ڪپڙا سوڙها پائين چا لاءِ
ڪهڙي توڪي ڪوٽي چوري

گهمين ايئن ٿي لڏين ايئن ٿي
سنهڙي آن جڻ سوٽي چوري

پپ هٽين ٿي ڪڙي ڪٽين ٿي
وڪ ۾ پور وچوٽي چوري

لبڙا تنهنجا لعل برابر
ڏند به تنهنجا موتي چوري

ڪير نه چوندءِ شرم ڪٽي ڪر
نيت ٿيندي ڪوٽي چوري

2 جولاءِ 1981

ڇو مون ڪان منهنڙو موڙين ٿو، ڇو ايڏو مون ڪان ڀوڙين ٿو

ڇـو لائـي يـاري ٽـوڙين ٿـو، اڄ اوري تنهنجـي آس اٿـم

اڄ اوري تنهنجـي آس اٿـم، اڄ ڏاڍي دل کـي پيـاس اٿـم
تـي آس نـہ ڪـا بـہ نـراس اٿـم، جا تـو کـي ساري سانديي آ

جا تـو کـي ساري سـانديي آ، سـا اُڪـري آس تـي ڏانـديي آ
جـا تـولاءِ جـوڙي لانـديي آ، ان پـڪـڙي پيهـي آءُ پـرين

ان پـڪـڙي پيهـي آءُ پـرين، ڇـو هيـڏي ۽ هـوڏي تـو ڦـرين
جي منهنجي راھ تي اچي رسين، دل دردن ڪان اڄ واندي ٿي

دل دردن ڪـان اڄ وانـدي ٿـي، ڇـو ايـئن اجـايو مانـدي ٿـي
تون سائين تنهنجي باندي ٿي، تنهنجي خدمت ۾ شل پيش هجي

تنهنجي خدمت ۾ شل پيش هجي، پئي سور سهي توکي عيش هجي
دل حاضر جو سنديس هجي، تون پنهنجي پر ڪان ڪـر نـہ پري

تون پنهنجي پر ڪان ڪر نہ پري، چاڪاڻ سوا تـو ڪـين سري
ڪجھـہ انهـيءَ تـي ڏي ڏيان ڏري، چا اجا رسڻ تـو ڪـرين روا

چا اجا رسڻ تـو ڪـرين روا، تـون درد منهنجـي جي آهين دوا
ٻيو درمل ناهي تو ڪان سوا، پل تـون بـہ حڪيم گهرائي ڏس

پـل تـون بـہ حـڪيم گهرائـي ڏس، ڪجھـہ مـال وري بـہ ڦُرائـي ڏس
سَوَ ڦـڪيـون پـل پرائـي ڏس، ڪـا ڪانـہ طبيعت فـرق ڪنـدي

ڪا ڪانہ طبيعت فرق ڪندي، پر تون بن سي ڪجھـہ تـرڪ ڪنـدي
”صابر“ ڪي دغا ئي فـرق ڪنـدي، تـون واعـدو پـاڙي آءُ پـرين

جولاءِ 1985ع

ڇو اچان ٿو ڪرين حجاب سڄڻ

دل رنجائڻ نه آ ثواب سڄڻ

مان سنو هر ستم آ تنهنجو منا
مونکي ايذا نه ڏي عذاب سڄڻ

تنهنجي درشن لءِ تڙپي ديوانو
اڄ ته نقلي نه ٿي نواب سڄڻ

دل به آخر ته چيز آ ڪائي
ان کي دڙڪڻ جو ڏي جواب سڄڻ

ڇو پريشان ٿو ڪيو ”صابر“
کهڙو رهيل اٿي حساب سڄڻ

23 مارچ 1986ع

سنگدل آهين تہ دل تي مان بہ تو پٿر رکان

منهنجو تون محبوب آهين ٻيو نہ ڪو دلبر رکان

پل تون مون کي آزمائي مشڪلاتن ۾ بہ وجهہ
شرط آهي آزمائڻ ٻيو نتو ٽڪر رکان

تون نہ مجبوريءَ جو وٺ ناجائزيءَ سان فائدو
سمجهہ مان انسان آهيان کهڙو ٻيو وکر رکان

ڪين ڪر ڪو فيصلو هڪ پل ۾ اي پيارا پرين
ڄاڻ توکي آ چگي پهريون بہ تو هڪ گهر رکان

راهہ ناهي ايتري مشڪل ڪٺي وک کي وڌاءِ
رهنما آهي شناسا چا اجا رهبر رکان

بس تئي ديدار دم دم اهڙي خواهش آ گهڻي
پيار تنهنجي ۾ پرين ڪو مان نتو چڪر رکان

7 ڊسمبر 1984ع

غزل

ڏنگا ڏير مونسان ڏاڍي ڪري ويا

ڪٺـــي پنهـــل پيـــارو مـــون ڪـــان پـــري ويـــا

يـــلا هـــيءَ نمـــاڻي ســـورن لاءِ ســـاماڻي
ڏڪـــن جـــي ڪهـــاڻي ڪيـــڏي پـــري ويـــا

ڏســـي ننـــڊ ۾ ماريـــا ڏاڙو هـٽـــي ويـــا ڏاريـــا
جـــاڳي مـــون نهاريـــا ظـــالم ڏري ويـــا

ياڻيـــا مـــون تـــہ مهمـــان هيـــا خـــوش وڏا خـــان
ڪيـــان ڪهـــڙا ارمـــان فريبـــي ڦـــري ويـــا

7 فيبروري 1988ع

***

تهذيب ثقافت جي بي مثل ڪهاڻي آ

هـــن ديـــس جـــي ڌرتـــيءَ جـــي تـــاريخ پراڻـــي آ
مـــارئيءَ جـــي محبـــت آ نـــوري بـــہ نمـــاڻي آ
چـــا شـــاهي شـــان اڳيـــان مشـــهور مهـــاڻي آ
ســـورهيہ تـــا جـــوان ســـڏجن هـــيءَ هـــاڪ هُلاڻـــي آ

دوست پيي رڪٽو اتم پر دوست ئي ڪن ٿا دغا

اهـــڙا واقعـــا ڪيتـــرا آهـــن ڏٺـــا آهـــن ٻـــڌا

هـڪ چڱـو ۽ مَنـو نـاهي لڪيـل ڪـنهن نـرڙ تـي
ڪيئن ڪجي تـن جي سڄاڻپ ڪيـر ڪـوڙا ۽ سچا

ڪي چون نظرون ئي انهيءَ نازنين جون هن عجب
مـان چـوان تـو ڪجـل ڪـاري جـي اهـا آهـي عطا

وار ڏس ڪهـــڙا وتيـــل ســـينگاريل ســـهڻا اتـــس
يـار هـي ڏاريـا اتــس جـو چيلهـ تـي پهچـي چڪـا

چـــپ ســـنها ڏس لعـــل لـــب جـــنهن ڪـــي چـــون
هـي بـہ آهـي لـپ اسـٽڪ جـو يـا تـہ لالـيءَ جـو لقـاءُ

چـو وري رخسـار ڪـي چريـا چـون تـا گـل گـلاب
پر مليـل ٿـس پاؤنـڊر ميـڪ اپ جـو ڪـر تـون پـل پڇا

ڪـي وري ايـئن تـا سـمجهن ويـس ناهوڪـا ڏسـي
انـــدر ڪـــارا هـــو ســـدا آهـــن ۽ ٻـــاهر جـــا اڇـــا

هٿ رنگيـل ڳـاڙها ڏسـي هرڪـو ائـين چونـدو رهيـو
آهـي ڪـو خـوني مگـر آهـن هـي هـٿ مينـديءَ رتـا

ڪي تہ خوش هن پيار سان جي پيار ويو بيمار ٿيا
ڪـي محـل سـاڙي هليـا محبـوب جـن ڪـان ٿيـا جـدا

جي مليو مانجهي سڄڻ پو هو ڪندو آ جان فدا
ڪي رسيا رڻ ۾ اجا ڪي تا پڇائن پيچرا

ڪوپسي معصوميت ڇهري تي جا چانيل اٿس
خار چئي خونمار چئي پر بي رخيءَ جي آ ادا

مان تہ هن حالات ۾ ممڪن بہ سمجهان ڪين ٿو
اهڙي سان ياري رکڻ مان ڪڏهن ڪا ٿيندي وفا

آهي هي مشڪل نيائڻ پر نياهي پي متان
آزمائڻ ۾ بہ چا هي آزمائي ڏس پلا

يار اهڙي سان ”صابر“ دل اڙائڻ جي نہ ڪر
پوءِ متان دَلبا دلاسا ۽ رهئي ڏيندو ڏٽا

16 فيبروري 1973ع

پهتس جو ڪنهن وٺائي منظر ڏنو مون هي

ڪنهن گل پٽيو تہ ان کي واتان چيو مون شہ شي

بيشڪ نشان ظلم جا ڏسجن ٿا اڄ بہ آهن
ظالم نہ زنده هوندو پر هوندو ظلم ئي

منهنجي بہ زندگي تو گل وانگيان ختم ڪئي
پر ڏوهہ ان ڪيو جا تون پٽين پئي

هئي مام مقناطيسي جنهن مونکي تنهنجو ڪيو
تون منهنجو چاهيو بڻجن تنهنجي رضا هئي

تو ڪنئين نظر نماڻي دل تي وئي اياڻي
ان کي ڏئين تون پاڻي پو کهڙي ٻي خوشي

ظالم اگر جي آهين ڪنهن ٻي تي ظلم ڪر
ناراض ٿي نہ ”صابر“ سان تئين تہ مشڪي ٿي

28 نومبر 1971ع

منهنجو عشق آ اڪين جو ٻڌ تون منهنجي زباني

آهـــي پيـــار منهنجـــو توســـان دلـــڙي رهـــي ديـــواني

تـو کـي زنـدگيءَ ۾ ساريان تـوکي کيـئن مان وساريان
منهنجـي دل کـري تـي دانهـون هـردم پيـو پڪاريـان
تـــون آ قـــدم پـــري يـــا منجهـــ تـــون مـــون ڏي نشـــاني

منهنجـي دل ۾ تـون وسـين تـو کـاتي منـا رسـين تـو
آهـــين ســـدائين آڏو چـــالاءِ تـــون رســـين تـــو
کيـــئن ذار مـــان گـــذاريان کـــر تـــون کـــا مهربـــاني

آهـــي دل جـــو هـــي فســـانو ”صـــابر“ جـــي لاءِ ســـهانو
منهنجـي زنـدگيءَ جـو مقصـد تنهنجـو رهـان مـان ٻـانهو
ڪجهـــ ســـمجهه ذار ســـهڻا دنيـــا هـــي آهـــي فـــاني

23 اپريل 1986ع

جا چاش ملي تنهنجي چاهہ منجهان

ســـا ملنـــدي سَـــوَ نـــ پنجاهـــ منجهـــان

چـــو پـــرت جـــو پيـــالو ٿـــي خـــالي
پـــر تـــنهن ڪـــي نـــاز نگاهـــ منجهـــان

چـــڏ واڳ وچـــوڙي جـــي ٿـــوڙي
ڪـــر ڳالهـــ ڪـــڏهن ڪـــا ڏاهـــ منجهـــان

مـــون ســـڏڪي ســـڏڪي ســـاريو آهـــي
پـــوئين هـــڪ پســـاهـ منجهـــان

مـــان ســـوچو تنهنجـــو ٿيـــان ســـاٿي
تـــون ڳالهـــ ڪـــرين هـــا ناهـــ منجهـــان

هـــر واٽ نـــ آهـــي وســـنديءَ ۾
هـــر راهـــ نـــ آ درگاهـــ منجهـــان

ڪـــا رســـتي وينـــدي لاٽ ڏنـــي
هئـــي تنهنجـــي گهـــر جـــي راهـــ منجهـــان

توسان مان پيار ڪيو، پيو نڪو يار ڪيو

پوءِ بہ تون مون سان رسڻ، چا لئہ اختيار ڪيو

مـــان ڪنـــدو رهـــيس وفـــا، تـــو ڪئـــي ڪـــا نـــہ غـــذا
مـــون ســـڏيو تـــوکي ســـجڻ، تـــو ڪنـــايو نـــہ صـــفا
ڪهـــڙو غمخـــوار ڪيـــو

يـــــاد تنهنجـــــي آ صـــــنم، دل ۾ آ درد ۽ غـــــم
تـــو ســـان مـــان ســـاڻ رهـــان، هـــر قـــدم ۽ هـــر دم،
اڄ هـــي اقـــرار ڪيـــو

نـــيڻ ٿـــا راهـــہ تڪـــن، دور نـــاهي درشـــن
اڄ نيـــائي واعـــدو، پنهنجـــو پـــورو ڪيـــو وچـــن
مـــون نـــہ واپـــار ڪيـــو

7جولاءِ1976ع

ٻڌايان ٿو ڳالهيون ڳڻن واريو ڳچ

پرائي نه تون دهل تي دوست نچ

ڪرين تون جي همت مدد ڏيندو مولىٰ
برن ڪار بد بي حيائن ڪان بچ

ادا پير مردن بزرگن ۾ ويهه
انهن جي هر هڪ لفظ ۾ آهي سچ

حقارت نه ڪر ڪين نفرت ڪڏهن
محبت جو منِ رڪ مچائيندو مچ

مصيبت ۾ جيڪو به ماڻهو ڏسين
مدد ان جي لاءِ بيهه ٿي مرد مچ

نه ڏيرو دغا جو تون دل تي جماءِ
سدا صاف ”صابر“ چئه نه ڪوڙ ڪچ

تون بہ مسافر مان بہ مسافر گهڙي پلڪ جا آهيون

نـــاتو نيـــنهن نيـــايون
نـــاتو نيـــنهن نيـــايون

ســوچين اجــا چــا تــو ســجڻ، ســوري قــدم اچ تــون ملــڻ
يــاڪر يــري اچ پــايون
نـــاتو نيـــنهن نيـــايون

ڪجهہ خوف ڪر منهنجا صنم، ايذا ڪرين چو تو ستم
خـوش تــو تئـين تڙپـايون
نـــاتو نيـــنهن نيـــايون

سپ ڪجهہ اڪين سان تو چئين، ڪنڌ ڪي ورائي چو وئين
آپـيچ پــرت جــو پــايون
نـــاتو نيـــنهن نيـــايون

واسينگ سان تنهنجي وندر، ڏسي آهہ ڪئي ”صابر“ اندر
واهہ واهہ تنهنجون ادائون،
نـــاتو نيـــنهن نيـــايون

25 ڊسمبر 1989ع

بغير نقطي ڪلام

سهڻو دل ڪسڻ دور گهارڻ ۾ ماهر

هــــو اعلـــــیٰ اداڪـــــار مـــــارڻ ۾ مـــــاهر

ڪـــــرڻ وعــــــده معمــــــول معلـــــــوم آ
ســــــدا آ ســــرا ســــر وســـــارڻ ۾ مـــــاهر

ســـــهارو ســــــگهو ڪـــــو ملـــــڻ آ محـــــال
ســـــــدا داد رس آ روئـــــــارڻ ۾ مـــــــــاهر

ملـــــڻ لاءِ ڪـــــر ســـــور ســـــو ســـــو عطـــــا
آ راڻـــــــو رســـــــاڻو وســـــارڻ ۾ مـــــــاهر

گهڻـــــا دار در در ۽ گهـــــــر گهـــــــر ۾ گهـــــاڻو
آ ”صـــــابر“ ســـــدا سِـــــر سَـــــهائڻ ۾ مـــــاهر

تڪيان تنهنجون راهون ورن ڪڏهن وارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا

نہ سيڪنڊ ۽ منٽ جا هون اپهارا، ڪلاڪن ڪان ڪندو رهيس مان ڪنارا
گهڙي پلڪ جي نہ خبر آ خدارا، ڏکن ۾ گرن ٿا اجا ڏينهن سارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

خوشي جهٽ ۾ ڪامي غمن جا غبارا، پهر ڪان پري ڪيا آهن چاهہ چارا
انئي پهر بيتابي دل تي مونجهارا، روئي رات گهاريان ڳڻيندي ستارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

نہ آئين صبح جو منجهند جو ٿيو سعيو، اجهو شام شايد آهي سر نوايو
شفق جو بہ ڏس آ وري وقت آيو، ڪاري رات هاٽي ورائيندي وارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

اسر ڏي ٿو تنهنجي اچڻ جي گواهي، اجهو وقت پريات پي لنو لڳائي
وري سحر سرندي جو آذان آئي، صبح ٿيو لڪا آسمانن ۾ تارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

جي آچر تي ايندين تہ انجام موڪل، جي سومر تي پهچين تہ پيغام موڪل
اڱاري جي ڏينهن جو ئي انعام موڪل، ايئن پي تہ ٿيندا نہ آهن گذارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

اربع جي ڏينهن لاءِ ئي آرام موڪل، خميس تي خلاصو پروگرام موڪل
جمعي تي پري ڪو نئون جام موڪل، تہ ڇنڇر تي هي نيڻ ڪن ڪي نظارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

فڪر ئي نہ ويو هفتو پهرون ويو، نہ ٻي هفتي وعده جو پاڙڻ ٿيو
ويو هفتو ٽيون پي نہ ڪنهن کي ڇيو، اچي چوٿون هفتو بہ پهتو پلارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

اچي سال آخر تہ مهمان ٿيو، مهينو شروع جنوري ڇاڻ ٿيو
اجهو فبروريءَ جو بہ فرمان ٿيو، ڏسو مارچ پي ڪيئن هٽين تو لامارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

اپريل اجڙيل گلستان ٿيو، مئي ۾ ملڻ لاءِ مهربان ٿيو
وري جون ۾ ڪهڙو مانڊاڻ ٿيو، اوهين انهيءَ مدت ۾ ڪنڌؤ پسارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

جولاءِ لاءِ آهيان قدردان ٿيو، نہ آگسٽ ۾ ئي ڪو احسان ٿيو
نہ ڪي سيپٽمبر ۾ سامان ٿيو، اجهو آڪٽوبر ڪري ٿو اشارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

نومبر ويو ڪونہ امڪان ٿيو، هي گذريو ڊسمبر نہ درمان ٿيو
ويو ڙي ويو سال اعلان ٿيو، نہ ديدار حاصل ٿيو دهمان وارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

سرءُ پي وڃي ٿي تہ آخر هلي، بهارون اچن شل ڪنديون سي پلي
اچن تا اونهارا وسايون ڳلي، سمهي سوز هينان گذاريا سيارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

پلا ايئن ٿيندا گذر سال ”صابر“، تہ ڪهڙا اسان جا ٿيندا حال ”صابر“
خدائي ڪندو شل پلا پال ”صابر“، وري نيڻ پسندا اهي ئي نظارا
مگر تون نہ آئين ڪريان ڪيئن پيارا...

25 فيبروري 1981ع

عاشقن لاءِ يار جو ديدار ئي بس عيد آ

بلــبلن لاءِ بوســـتان جـــو خـــار ئـــي بـــس عيـــد آ،
عاشـــقن لاءِ يـــار جـــو ديـــدار ئـــي بـــس عيـــد آ،

جنهن جي خاطر روز شب آهون پريان دانهون ڪريان،
هــڪ دفعــو ان جــو ڪلــڻ ڪيڪــار ئــي بــس عيــد آ،

گــل ۽ بلبــل جـــي طـــرح معشـــوق ۽ عاشـــق رهـــن،
تــا چــون هــو بئــي اهــو هبڪــار ئــي بــس عيــد آ،

جــي گهــري ســر پــي ســجڻ انڪــار عاشــق ڪــي نــہ آ،
عشـــق اڳيـــان حســـن جـــو اقـــرار ئـــي بـــس عيـــد آ،

عشـــق وارن ڪـــي نـــہ لالـــچ نـــا طمـــع تـــر جيتـــري،
هـــن جـــي لاءِ دلـــدار جـــو جنســـار ئـــي بـــس عيـــد آ،

لـــک شـــڪر لائـــق ســـدا آ قـــرب ڪـــافي يـــار جـــو،
اي دل نــہ تــڪ ٻــي ڪــنهن طــرف پوتــار ئــي بــس عيــد آ،

جـــي وري ”صـــابر“ حقيقـــت ۾ ڪـــرين هڪـــڙي نظـــر،
جـــڳ ســـجو آهـــي خوشـــي سنســـار ئـــي بـــس عيـــد آ،

1981ع

خزان جو خاتمو ٿي ويو چمن ۾ تازگي آئي،

فڪـر جـي اڄ قـنـدن ڪـان جنـد ڇـڏائي زنـدگي آئـي،
بھاري جـي هـوائن سـان خوشـي پـي مرڪنـدي آئـي،

سڪل پن جي وڻن تان سڀ ڇڻيا ڇڻ ڇڻ ڪري آخر،
انــبن پــي ٻــور آ جھليــو عجــب آســودگي آئــي،

سلا ساوا وري اپريا اڄھـو ڪـي سـنگ پـي نسـريا،
مھڪنــدا مــاڳ مــارن جــا ڦــري فرخنــدگي آئــي،

پکـي پيــارا منيــون ٻوليــون لنــون تــا آشــيانن ۾،
ڇتون چو ٻول ۾ ڪوئل ڪتان ڪُو ڪُو ڪندي آئي،

گلن تي خوب پنورا تا گھمن پون پون ڪندا ڪارا،
وڏي آ واهــه جــي رونــق هتــي تابنــدگي آئــي،

اچو اي دوستو نڪرو ڪريون ڪو سير گلشن جو،
”خــزان جــو خــاتمو ٿــي ويــو چمــن ۾ تــازگي آئــي“،

ڪنــدا گجگــوڙ تــا بــادل اچــن برســات برســائڻ،
سنگھارن سانگ ڪيا ”صابر“ ڪٽي سارنگ جي آئي،

29 مارچ 1974

ڏس ديد ملي ديد سان ٿو پيار ٿي وڃي

اکڙين جي اشارن سان ٿو اقرار ٿي وڃي

چپ بند دل خموش اکين جوش ۽ مدهوش،
ڪيئن گوشي تنها ۾ ٿو تڪرار ٿي وڃي،

هيءَ دل نماڻي ڏس ته ڪيئن ڪسجي ٿي بي هٿيار،
بيدرد ان خونمار جو ٿو وار ٿي وڃي،

زخمي جگر ٿئي ته به ڪوئي رکي نه مرهم،
هر ڪو ٿو لوڻ ٻرڪڻ لاءِ تيار ٿي وڃي،

تنهنجي اگر مسيحا هڪڙي ٿي ديد حاصل،
پوءِ چاڪ هي ٻره جو بيمار ٿي وڃي،

آيو اجهو اچي ٿو تسڪين هڪ ته ڏيو،
پيو چا ڪپي جو يار جو ديدار ٿي وڃي،

”صابر“ کي هاڻي ڪوئي دلبر دلاسو ڏي،
ڏسو دم لبن تي آ متان فرار ٿي وڃي،

22 اپريل 1972ع

من مندر ۾ آڳ مچائي روڳ لڳائي ويندي آهي،

هڪـــڙي هســـتي اهـــڙي آهـــي تـــن تڙپـــائي وينـــدي آهـــي

ســوچيان تــو هــي رشــتو ڪهــڙو منگتــو ناهيــان ڪشــتو ڪهــڙو
ســوال بـــ آهـــي ســـتو ڪهـــڙو، روح رنجـــائي وينـــدي آهـــي

پيــار ڪــري چــو پــري وجــي تــي تــنهن بــن منهنجــي ڪــين ســري تــي،
آخــر چــو هــوءَ ايــئن ڪــري تــي جــو ترســائي وينــدي آهــي،

ڪڏهن تـ ٻولي ٻوليون منڙيون، ڪڏهن منجهي خط ڪڏهن چنڙيون
ويجهــو ايــئن جيــئن ريــل جــون پٽڙيــون ايــئن رلائــي وينــدي آهــي،

ريــت پريــت جــي ڪــو ڪــو ڄاڻــي ”صــابر“ ســمجهه ڪتــان ســا آڻــي،
رمــز ڇـــڏيو آ جـــنهن جـــي راڻـــي، هُـــجَ هلائـــي وينـــدي آهـــي،

دلربا دلدار دلبر ناز نخرا ڏي ڇڏي،

اڄ اڱــڻ هــاڻي اکــين جــا تــون اشــاري ڏي ڇــڏي،

عشــق آخــر ڏوهــ نــاهي حــق ســمجهي تــا ڪريــون،
پــاڻ پاتــا پــيچ پيــارا خــوف خطــرا ڏي ڇــڏي،

هــي جســم تنهنجــو اســم آهــي جــدا ڳانــ قِســم،
چاهــ پنهنجــي جــا چــيم نرمــل نظــارا ڏي ڇــڏي،

مــان متــائي پــاڻ پنهنجــو تــو متــان قربــان ڪيــو،
تــون بـــ مــونکي يــاد ڪــر ٻيــا ســپ ســهارا ڏي ڇــڏي،

تــو ڪيــا واعــدا وفــا جــا ســي بـــ پــورا وڄ ڪــري،
ڇــو ڪيــا هِــن تــو رســاما اڄ خــدا را ڏي ڇــڏي،

مــان وفــا تــي ســر ڏئــي تــوکي ڪنــدس حاصــل ضــرور،
پــرت جــي آ ريــت پــل پرڪــاش پــارا ڏي ڇــڏي،

10 مارچ 1990

ڇو مون ڪان رُسي تون وئين يار پيارا

نـــ جـــاني جـــدا تـــيءُ جـــيءَ جـــا جيـــارا

پـــرين پـــرت جـــو پـــيچ مـــون آهـــي پـــاتو
ملـــڻ لاءِ منـــــڙا اجـــــان آهيـــــان آتـــــو

جـــدائيءَ جـــو جانـــب نـــ ڪـــو جـــور ڄـــاتو
اڄـــين جـــي لهـــي وينـــدا مـــن جـــا مونجهـــارا

لڳـــو منهنجـــو آهـــي توســـان نيـــنهن نـــاتو
اجـــا يـــي نـــ پنهنجـــو تـــو عاشـــق ســـڃاتو

رڳـــو تـــات تنهنجـــي آهـــي ڏينهـــان راتـــو
هٽـــان نيـــنهن جـــا تـــو مـــان نـــروار نعـــرا

نـــ ڏي بيوفـــائيءَ جـــو الـــزام مـــونکي
مليـــا مهڻـــا طعنـــا بـــ هرگـــام مـــونکي

ڪيـــو ســـات تنهنجـــي آ بـــدنام مـــونکي
ڏســـون آءُ "صـــابر" اڄـــا ڪيـــر ڪـــارا

28 آگسٽ 1987

لٽيري جو چهرو چتائي آ ڏسٽو

لٽيل دل کي هيڪر وسائي آ ڏسٽو

ڏسو پل ته هي ديد ٿو ڪير ڊاهي
ڏسڻ پي اسان کي پيو نيت ٺاهي،
نماڻا ڪٽي نيڻ ڦاهي آ ڏسٽو

جتي روشني هئي اتي هو چراغ
جڏهن جهاتي پاتم ڏنم دل جو داغ
سمائي وري دل ورائي آ ڏسٽو

نه وينو اگر آهي هو ڪڏهن مون وٽ
ڀلا انهيءَ ۾ ڳالهه تي ويئي ڇا گهٽ
انهيءَ کي ته پوءِ ترسائي آ ڏسٽو

چلن جنهن جي مستاني عاشق ڪهين ٿو
ائين ناز نخرا ڪندي جو گهمي ٿو
سو ڇڙواڳ سر کي ڦاسائي آ ڏسٽو

هي ”صابر“ ڀلا ڪيسين انڌير رهندو
ڪڏهن خبر ايندي ته اڄ خير رهندو
حسن عشق کي پي ملائي آ ڏسٽو

18 اپريل 1972

آمدِ راحت جا آهن ڏينھڙا

ڇو ڪيا ايڏا اٿئي اوسيئڙا،
راهه تي ٻاري رکيا ٿي ڏيئڙا،

خوش رهڻ جا خواب هر ڪو ٿو ڏسي،
پر ڏکيا هن ڏيهه ۾ ڏو ٿيئڙا،

وات هر ڪا آهي پنهنجي واسطي،
ڇو لڪي پائي هلين ٿو ليئڙا،

ملڪ جا مارون نهارن ٿا مٿي،
وينا سارن ٿا وسن ڪي مينهڙا،

آسمان تي اڄ ٻ بادل ٿا ڳجن،
جهمر ٿا جوڙا هڻن جهانگيئڙا،

سور سانديا هر سِسيءَ آهن سوين،
ڇا اڃا سهندا رهن سانگيئڙا،

ڇو خوشيون خاموش ٿي آهن ويون،
ڪو پتو توکي ٻ آ پانڌيئڙا،

هي ٻڌو پيغام ”صابر“ آ هتي،
”آمدِ راحت جا آهن ڏينهڙا“

27 مارچ 1986

ياد آ

زندگيءَ جو ڪو زمانو ياد آ،
وقت جو هر هڪ فسانو ياد آ،

ڪھڙا ڪھڙا ڪِيس ٿيا ڪنهن کي چوان،
درد جو هر داستانو ياد آ،

ظلم زوري ۽ زبردستيءَ ٿيو،
خون جو ناحق نشانو ياد آ،

بي سرو سامان ڪي بي گهر ٿيا،
ڪنهن جو لٽجي ويو خزانو ياد آ،

دل ٽٽي ڪنهن جي جگر ڪنهن ڪان چڳا،
۽ جليو ڪٿ آشيانو ياد آ،

لاش هر هڪ شهر واهڻ ۾ ويا،
سو حشر تازو توانو ياد آ،

نور چشمن جو نظر اڳيان کسڻ،
تن جو هر دم تازيانو ياد آ،

هيئن ته بيدردي اڳي اهڙي نه ٿي،
بي حسي اي حڪمرانو ياد آ،

ڪيئي ڪونڌر ويا ڪپائي ڪنڌ پر،
خواب ڏيئي ويا سهانو ياد آ،

ديــس جــي ڌرتــيءَ ســان رڪجــي ٿــو پيــار،
اهـــڙو ئـــي هـــر دم ترانـــو يـــاد آ.

ســـپ اداســـي ديـــس واســـي چـــا ٿيـــو؟
دورُ ٿيـــو اهـــڙو ديوانـــو يـــاد آ.

هـــاڻي غـــور وفڪـــر جـــي آهـــي گهـــڙي،
هـــي ڏنـــو آهـــي بيعـــانو يـــاد آ.

قيـــد ۾ ڪـــو ۽ ڪڙيـــون ڪـــنهن ڪـــي لڳيـــون،
قـــافلو ڪيـــئن ٿيـــو روانـــو يـــاد آ.

جـــنهن ڪـــي اســـلح ســـو بڻيـــو قـــانون دان،
هـــي تحفـــظ جـــو بهـــانو يـــاد آ.

ظلـــم هـــو انـــڌير هـــو ”صـــابر“ ســـچو،
ڪيـــئن ڪســـيو ويـــو آســـتانو يـــاد آ.

15 اپريل 1991ع

قربان ٿيا ڪيئي حسين مست قدم تي،

ڪـنهن ڪـي ڪـو لڳـو پاسـو تـہ ڪـو وينـو آ لـم تـي،
بــس خــالي ٿــين ڪيســا ٿــا هــن ريــت رسـم تـي،

زيبائشـــي ســـامان حڪومـــت تـــہ ڪـــري بنـــد،
ســينگار ســجا راڄ ٿــا ڪــن ڪــنهن جــي رقـم تــي،

ڪــري لعــل وري لــب ڪــي لپســٽڪ جــو هــٽڻ ٿـا،
پــوءِ بوســي ڏيــڻ ڪــاڻ دلاســي تــي ڪــو دم تــي،

ڇــا ڏار ڪجــل ڪــاري جــي ڏس ڪيــئن ٿــا نــاهن،
تلــوار ڪــي ڇــا آهــي مجــال ان ســان قسـم تــي،

وري واهــہ جــي رنگــت ٿــا ســجي مــنهن ڪــي مڪــن،
ڄــڻ ٽانــدا ٿــا جــرڪن ڏســو ڪــنهن جــي چلــم تــي،

واهــہ واهــہ ڦٽــي آهــي گهٽــي هــن جــو ڪٽــي،
وارن ڪــي هٽــي نــاهي اٽــي ڪــنهن جــي عِلـم تــي،

وارن ۾ هـــي پـــرون تـــي ڇـــا چمڪـــات ٿـــا ڏســجن،
شـــرمايو ســـتارن آ ڏســـي چنـــڊ جســـم تـــي،

چــا نــنهن جــي مٿــان ســونهين ٿــي نــاخون جــي پــالش،
ڪــري مهنــدي رتــا هٿــڙا هلــي ڪــنهن جــي رســم تــي،

ڏســـي پيـــر بـــ هٿـــڙن جـــي نزاڪـــت جيـــان ”صـــابر“،
”قربـــان ٿيـــا ڪيئـــي حســـين مســـت قـــدم تـــي“

16 آگسٽ 1972ع

پيدا ڪيو جهان ۾ هڪ اضطراب ٿي

منهنجا منا مون آ ڏنو هڪ رات خواب ٿي،
چهرو آ جڻ ڪ تنهنجو هڪڙو حباب ٿي،

منهنجو جڏهن ڪان واسطو توسان پرين پيو،
تو پڻ ڪيو آ وقت ئي ان ڪان حجاب ٿي،

بيڪار جي قرين تون ته ب ڪار تو ڪرين تون،
قاتل آ نام تنهنجو قتل ئي ڪساب ٿي،

تنهنجو نظريو ناز آ پر نياز چو ن آ،
تنهنجي ادا ب نيڪ مهربان شتاب ٿي،

تنهنجي روش مون آ ڏني تنهنجي چلن ڏني،
”پيدا ڪيو جهان ۾ هڪ اضطراب ٿي“،

”صابر“ ڪي ديد تنهنجي دائم ڪيو مريض،
آئين پڇڻ ن ڪڏهين ڪهڙو عذاب ٿي،

1972ع

ڏس ڏينهن ختم ٿي سارو ويو سج جو بہ نشان آ ڪونہ رهيو
او وعده شِڪن! تنهنجي واعدي جو باقي ٻيو گمان آ ڪونہ رهيو

هڪ راز هيو تہ وٽ منهنجو ٻيو حال ڪندس ڪنهن سان دل جو
رقيب ٿيا سڀ هت منهنجا تنهنجو بہ مهربان آ ڪونہ رهيو

هڪ واعده وصل جو توئي ڪيو، ليڪن آ سبب وچ ڪهڙو ٻيو
يا دل ۾ هيُئي ڪو ٻيو رايو ڪنهن ڪنهن ڪان پڇان آ ڪونہ رهيو

مان تنهنجي راهہ نهاريان تہ، هر واٽ اچڻ جي ٻهاريان تہ
اتي وقت اچڻ جو هاڻي منا باقي ٻيو زمان آ ڪونہ رهيو

بيتاب ڪئي چا لئہ دل تي آ پهچ سگهو ڏي ڪائي خوشي
بس خيال وهم ٻيو ڪهڙو ڪيان ڪهڙو مان ڪيان آ ڪونہ رهيو

تون منهنجي تصور ۾ آهين اچ مهر مونتي ڪري ڪا سائين
اڄ جهڙو پريشان ”صابر“ تي ٻيو اهڙو پريشان آ ڪونہ رهيو.

اڄ يار جي چشم ۾ خونمار بيٺو آ

ڪـــري خيـــر خـــدا يــــار ســـان اغيـــار بيٺــــو آ

پنهنجـــي تـــہ دل انهـــيءَ ڪـــي چـــاهي نـــہ اڄ ڏســـڻ
پـــر چـــا ڪريـــان جـــو ان ڪـــي اعتبـــار بيٺـــــو آ

ڏســي روپ يـــار جـــو بـــس ڳوڙهـــا وهـــن اکـــين مـــان
مـــان اڄ ايـــئن تـــو ســـمجهان بيـــزار بيٺـــــو آ

زخمـــي ڪـــري ڪـــي ڪيئـــي مـــاري ڇـــڏيا اتـــائين
ان جـــو پســـي ڪـــو جلـــوو هـــر بـــار بيٺـــــو آ

ڪٽـــي پيلـــو دل هلـــي آ ســـهٽي جـــان ملـــڻ لاءِ
چـــا ڪـــاڻ جـــو پـــرينءَ پـــر پوتـــار بيٺـــــو آ

هـــٿ جلـــد اِتـــان يـــار ڪـــو جـــلاد اٿيئـــي
”ننگـــي ڪيـــو اکـــين جـــي تلـــوار بيٺـــــو آ“

”صـــابر“ تـــون بٽجـــي بلبـــل يـــا مثـــل پـــونر جـــي
هتـــان اڏر جلـــد گلـــزن ســـان خـــار بيٺـــــو آ

23 اپريل 1972ع

سيٺ وارن جا ناهيون سنگتي، قرب وارن جي قدمن ۾

يار سچي تان گهوريون سر کي عمر گذاريون ادبن ۾

ڪـــــڏهن ڪنـــــدو هـــــو روح رهـــــاڻيون
ڪـــــڏهن ڪنـــــدو هـــــو منڙيـــــون ڳـــــالهيون
ياد اچن ٿيون اهي ڪهاڻيون، جيڪي ڪندو هو قربن ۾

مـــــون ڪـــــان وچـــــڙي ويـــــو آ هـــــاڻي
نيـــــٺ تـــــه ملنـــــدو اڄ نـــــه صـــــبحاڻي
موهيو مونکي جنهن جي ماڻي، دارون آ سو دردن ۾

تـــــاهي هنيـــــائين ڪـــــان ڪـــــا پـــــاري
وٺـــــي لڳـــــي آ اهـــــڙي بيمـــــاري
عمر گذر هيءَ ٿيندي ساري، ”صابر“ جي هاڻي صدمن ۾

تاريخ: 1973ع

درد وارن کي دلاسو ڏيو مٺا دلدار جو

چــو پــلا ڪــنهن نــا پڇيــو آ حــال هــن بيمــار جــو

ڏس تــہ ڪيــئن رڙنــدو ڇڏن ٿــا هــي دنيــا وارا مــريض
بيـــرحم ظـــالم ٿيـــو هـــر فـــرد هـــن سنســـار جـــو

گـــر تـــڙپ ۾ ٿـــا ڏســـن ڦتڪـــي تيـــي ڪجهـــہ نـــہ ڪچـــن
ڪـــو نـــہ ٿيـــو احســـاس آهـــي ڪـــنهن ڪـــي هـــن آ راز جـــو

ڪـــين بيتـــابي پچـــن بـــي جـــان ٿـــا تـــوڙي ڏســـن
بـــس چـــڙو وينـــا ڇـــون آهـــي اثـــر اســـرار جـــو

ڏس مـــرڻ تـــي هـــان پيـــو تـــہ بـــہ ڪـــو نـــہ ٿـــو داروُن ملـــي
مـــرض محبـــت لاءِ منـــا داروُن آ هـــڪ ديـــدار جـــو

”صـــابر“ صـــرف هڪـــڙي جهلـــڪ ديـــدار دلبـــر جـــو پســـيو
پـــر دوبـــاره هـــر گهـــڙي غـــم تـــو ســـتائي يـــار جـــو

1972ع

منهنجو توسان پيار آ ڪيئون اقرار آ

هلـــــي آ او ســـــهڻا، توســــان ڪهــــڙو تڪـــــرار آ

منـــو ٻـــول تنهنجـــو مـــاري، ســـدا ســـاهه تـــوکي ســـاري
ســـــڪيو رهـــــ ســـــدائين تــــون، ملـــــڻ هـــــڪ وار آ،
منهنجــــــــو توســـــــان پيـــــار آ

پتـــو نـــاهي تنهنجـــو پـــورو، رلـــيم رات ڏيـــنهن ســـمورو
نڪـــــي يــــــاد نـــــالو تنهنجـــــو، نشــــان نـــــروار آ،
منهنجــــــــو توســـــــان پيـــــار آ

مانـــدو آهـــي منهنجـــو مـــن، ڪيـــو آهـــي تـــو ڏي ڪـــن
ڪـــڏهن پنهنجـــي ”صـــابر“ جـــي، لهـــڻ ڪـــائي ســـار آ،
منهنجــــــــو توســـــــان پيـــــار آ

1 آگسٽ 1985

مٺا آ تو سوا مان وساريو زمانو

ڪري اچ ملاقات لاءِ ڪو بهانو

لٺائي هي تن من مٺان تو ڇڏيو آ
ڇريو هت دنيا وارن مونکي سڏيو آ
ڪپائي ڇڏيو مون خوشيءَ جو خزانو

نہ مک تي وري مرڪ موٽي اچي ٿي
رڳو تات تنهنجي اندر ۾ مچي ٿي
سڄو مان صبر جو ويم پي پيمانو

وڻي مونکي تنهنجي وئي آهي صورت
پلا مان ڪندس ڇا ٻئي ڪنهن جي مورت
ڪندو ڇا ڏسي خواب ”صابر“ سهانو

8 جنوري....ع

پڇي پورا ڪرين ڇو ٿو جڏھن تڪميل تون آھين
ڪـرين ٿــو مختصــر مــونکي جــڏھن تفصــيل تــون آھــين

وڇــوڙي ۾ ورھيــ گــذريا، ڪيــ جانــب جــدائي ڇــو
وســاري ڪيــئن ويھــان تــو ڪــي منــا تحصــيل تــون آھــين

ڏســان ڇــا ڏيھــ ۾ ڏوري ڪنيــو تــوکي تڪــي تــوري
ھليـــو آ اڄ وري اوري ٿيـــو ڪڙپيـــل تـــون آھـــين

پلــي جــانَ يــار ڪــر ماٺــا، اســان جــا عــرض ويڳاٺــا
الائــي ڪــٿ اتــي ٿاٺــا ڪنــدو تبــديل تــون آھــين

وڇــوڙي ۾ ورھيــ گــذريا، ڪيــ جانــب جــدائي ڇــو،
وســاري ڪيــئن ويھــي ”صــابر“ منــا تحصــيل تــون آھــين.

حسينن جي هجي بازار ديوانہ لِيِي پوندا

ڪنـدين شـمع اگـر روشــن تــہ پروانــہ لِيــي پونــدا

نـہ ظـاهر سـي ڪـڏهن ٿينـدا سـدائين سـور پيـا سـهندا
ڪتــي محــوِ محبــت ۾ بــہ مســتانہ لِيــي پونــدا

نـہ ڪـر مئـي نـوش ڪـوئي غـم اجـايو تـو رلـين هـردم
ڪنــدين ڳولهــا جــي ڳــوٺن ۾ بــہ مئخانــہ لِيــي پونــدا

اهـو آتــڻ پسـان مـان شـل جتـي محبـوب ڪئـي محفـل
نشــان تنهنجــا بــہ ظــاهر هــن ســي ويرانــہ لِيــي پونــدا

اداسـي تـون نـہ ٿـي ”صـابر“ پڇـر پيـارن جـي بُـتَ هـر هـر
انهــن ڳــالهين انــدر پنهنجــا بــہ افســانہ لِيــي پونــدا

7 سيپٽمبر 1990ع

ٿيو دل جو توسان سودو ساري عمر پيو گذارجاءِ

ڪيـو جيڪـو آ تـو واعـدو اهـو تـوڙ تـون نڀائجـاءِ

منهنجي دل تي ٻڌجي ويو آ تنهنجي پيار جو نشانو
ڪنهن ڪنهن ڪي مان ٻڌايان دل جو اهـو فسانو
سـڀ سـورتون وسـاري هـيءَ دوسـتي نڀائجـاءِ

جـنهن لاءِ تـي مـان تـڙپيم سـو چونـدي آ ڪنـيم
رهـي ڳالهـ بـاقي کهـڙي توسـان اچـي ملـيم
مـونکي وڏي اميـد آ سـاٿي نـہ تـون سـتائجاءِ

دنيـا ڀلـي ڏي مهڻـا سـڪ ۾ اهـي ٽيـا سـهڻا
هـڪ پـل نـہ تـون جدا ٿي رهـ ساڻ مونسان سهڻا
هليـو آءُ ٻـي ڏڙڪ ٿـي پـوئتي نـہ پير پائجـاءِ

24 سيپٽمبر ....ع

امانت

ساٿ پنهنجو سدائين سلامت رهي
پــل دنيــا ســان اســان جــي عــداوت رهــي

چــو چنــون پــاڻ ڪــي ڏيهــہ ڏهڪــاءَ ڪــان
پنهنجــا واعــدا نيــايون رفاقــت رهــي

تــون بــہ منــزل تــي پهچــڻ جــي ڪوشــش تــہ ڪــر
هــٿ هــٿن ۾ وفــا جــي علامــت رهــي

چــو نــہ تنهنجــو قــدم منهنجــي وک ســان وڌي
فاصلــا ســڀ ختــم ٿــين نــہ خيانــت رهــي

چــا ائــين اڳ نــہ ٿيــو جيــئن اســان ٿــا ڪريــون
ســوڀ حــق جــي آ ثابــت صــداقت رهــي

پيــار ”صــابر“ ڪيــو پيــار هــر ڪــو ڪنــدو
ســانڊي ســڪ ٿــا رکــون ســا امانــت رهــي

غزل

غير آ غير تہ پنهنجو بہ پرايو يارو

هي حالات ڏسي هوش سنپاليو يارو

ڪين تا ڏک ڪان ڏکون بک ڪان چو بيزار ٿيون
اسان فاقن ۾ بہ اڳ آهي گذاريو يارو

جاگرافي ڪٿي ڪان ڪٿ آ اسان جي تاريخ
سي ورق ڪول انهن ڪي نہ وساريو يارو

همتِ مرد تہ آ مددِ خدا
پوک تي پوک ڪري پوک پچايو يارو

ها ڏنيون ملڪ جون موجون بہ سرؤن سر
هاٽي بد تر هن خدشات نهاريو يارو

پنهنجي هن ديس جي دامن ڪي وٺو
ديس آ ديس اسان جو نڪي ڏاريو يارو

زور هڪ جو نہ هلي سگهندو بہ ٻارهن آهن
ملي هڪ ٻي سان وري زور لڳايو يارو

نہ ڪي آرام نہ راحت نہ ڪوئي چين ڪپي
ڪجهہ پاڻ پتوڙي بہ ڪمايو يارو

ويهي ايئن نہ اجا وقت وڃايو ”صابر“
جو قدم اڳتي آ ان ڪي ئي وڌايو يارو

1 فيبروري 1973ع

حالات ناسازگار

جـــاڳي جـــاڳي رات انـــــذاري گـــــذري تـــــي،
ڏيـــنهن ڏنـــي جـــي پهـــر نـــــ ڪـــائي وســري تـــي،

هــــر پـــــل آهـــــي خبــــر تــــــ چـــوري ڌاڙو آ،
اغـــوا _ قـــر قتـــل جـــي نوبـــت نڪـــري تـــي،

پنهنجـــون راتيـــون مـــان ســـپنن ڪـــي تـــو ســـونپيان،
نفـــرت جـــي هـــيءَ آگ هتـــي چـــو ابـــري تـــي

پيـــار بـــــ پيـــدا ٿينـــدو آهـــي، پيـــار منجهـــان،
ويـــرن جـــي وڪ ويڙهـــــ انـــدر چـــو نبـــري تـــي،

ويـــل نـــــ واپـــس اينـــدي آهـــي جـــاڻ اهـــا،
مـــاڳ تـــي مـــاٿهو اينـــدو آس تـــــ ايـــري تـــي،

امـــن امـــن هـــر روز گهـــري هـــت باشـــندو،
ڪـــنهن وٽ امـــن جـــي مهٽـــي مـــورت اڪـــري تـــي،

نيـــڻن مـــان ٿـــو نيـــر وهايـــان پـــر "صـــابر"
قـــوم اســـان جـــي چـــو نــ اجـــا پـــي ســـڌري تـــي،

تنهنجي دنيا جو نقش پيو آهي

منهنجي دنيا تہ گول آ ساٿي

توکي منهنجي وڻي نٿي صورت
پر مٿو تنهنجو ٻول آ ساٿي

منهنجي وس واڳ ناهي چا كريان
تون رهين دور ٿو بي ڏول آ ساٿي

ديد دلبر آ تنهنجي درشن لاءِ
ويهہ تون اڄ تہ ڪول آ ساٿي

ٻڌي ٻول تنهنجا اي مٺا ٿيو مونکي اندازو

خوشــين جــي تــوڪي نــاهي خبــر آهــين جنــازو
رڳــو تــن اتــي تــازو نــه تــه انــدر ۾آزار تــي

27 سيپٽمبر 1984ع

شرم وحياء جو پٽلو آ سپڪو سجاڻي

عــورت ذات عجيــب آ، جــا ڄــاڻي ۽ واڻــي
تــي راڻــن کــي راڻــي ريهــي رکــي ريــب ۾

10 آڪٽوبر 1984ع

تو سوا محبوب مان ڪاڏي وڃان ڪنهن سان ملان

ڪيـر ايندو مونـڏي دلبـر ڪـنهن کي ڪيڪاري ڪلان
کـي نظـارا منهنجـي نيـڻن ۾ـي ڪيـا محفـوظ هـن
تـنهن کـري اويار ڪـڏهين کـين تـو روئـي سگهان

12 آڪٽوبر 1984ع

قطعو

محبت مٺڙين ڳالهين سان آ نفرت بد ڪلاميءَ کان

جو ڪنڌ جهڪي سو ڪنڌ ڪپيو ڪنهن جابر جي تہ سلاميءَ کان
هي ديس جي ڌرتي هاڻي دلـيرن شـهزورن کـي پرتـي آ
غيرتمند انهيءَ کي سانديي رکندا غيـر غلامـيءَ کـان

قطعو

اي ڌڻـــي تـــو در جهڪـــن شـــاهہ وگـــدا
بـــا ادب مـــان پـــي ڪريـــان تـــو التجـــا

يـــا خـــدا يـــا عاقبـــت بـــالخير ڪـــر
هـــن جهـــان وارن ڏنـــا آهـــن ڏجهـــا

تنهنجـــي قـــدرت ڪـــنهن نـــہ ســـمجهي آ ســـگهي
معـــاف ڪـــر منهنجـــون خطـــائون يـــا خـــدا

قطعو

ڪي سوڊا سيج سجائي ويا

ڪـــــي جـــــوڙا جـــــڳ جيـــاري ويـــــا
ڪـــــي ماڻـــــڪ مـــــوتي ميـــــڙن تـــــا
ڪـــــي هيـــــرا هيـــــرا ڏاري ويـــــا

25 جنوري 1987ع

واسينگ جيان زلف جنين مونکي ڏنگيو آ

واهـ واهـ مروتـــي تـــو تنـــين ڪـــي بـ ڏنگيـــو آ

ابـروءَ جـي ڪمـانيءَ مـان پنبـڻن جا ڪـدين ڪـان
اکـڙين جـي اشـارن ڪـي بـ تـو ڪـين ڪنگهيـو آ

***

سڄڻ سور ايڏا ڏئي ڪر نہ ساٽو

اوهـــان ڪـــي هـــي مـــنهن عـــرض آ نمـــاڻو

مـــان انســـان آهيـــان ڪيـــو پيـــار آهـــي
هـــوس حـــرص تـــي مـــان بـــ ناهيـــان وڪـــاڻو

قطعو

اهو تو نہ چاتو مون ڪيئن ڏينهن گذاريو

الائـــي بـــ چـــا ڪئـــون تـــو واعـــدو وســـاريو

ڪيـــءِ پـــاڻ انجـــام اينـــدس ســـياٽي

متـــا ڏيـــنهن ســـارو مـــون ويٺـــي گـــذاريو

17 سيپٽمبر 1984

بيت

ظالم تو ڪرين ظلم تون چاڪاڻ سدائين

پـــر واحـــدِ قهـــار بـــ آ تنهنجـــي متـــاهين

19 سيپٽمبر 1984ع

قطعو

اڄ اڱڻ تي محب منهنجو مرڪندو ايندو وري

چاهہ پنهنجي ۾ ڪئي جنهن دل ڪٽي منهنجي چري

دم اگـــر هڪـــڙو پـــري ٿـــي بيقـــراري ٿـــي وڌي

ننـــڊ ۽ آرام ڪـــونهي جـــان پـــي پئـــي آ ڳـــري

5 سيپٽمبر 1985ع

قطعو

اڄ ڪيو آ تو سڄڻ واعدو وفاداريءَ جو

تـــو ڪنيـــو اهـــڙو قـــدم آهـــي قربـــداريءَ جـــو

هـــي نـــ آ واپـــار جـــنهن ۾ ڪـــو نفعـــو نقصـــان ٿئـــي

ڪـنهن جـي دل راضـي ڪـرڻ آ ڪـم رضـاڪاريءَ جـو

16 سيپٽمبر 1984ع

قطعو

مُنهن اگهاڙيون مينڌريون ڏسي ڪير چوي

رئو تہ رڪيل آ ڳچيءَ ۾ سو متي ڪين پوي
چارو ناهي چوڻ جو پر روح بہ نہ ٿو رهي
شل تن ڪي شرم پوي جو پردي ۾ ڍيهر پسان

5 آڪٽوبر 1989ع

قطعو

جهڙا گل گلاب جا تهڙا پهرن ويس

اڄ وارن واريون هٽن ڪارا ڪيس
لُڏن لمن ڪيئن ٿيون مارن نٿيون ميس
لڏي ويا درويش ڪيئن ڏسن ها منهن اگهاڙيون

16 آڪٽوبر1984ع

قطعو

ڏٽي تنهنجي دنيا گهٽي آ نرالي

شهنشاهہ گداگر بہ تو وٽ سوالي
غريبن جو تون ئي نگهبان آهين
تون بخشيندين بندا مُلان ۽ مَوالي

25 سيپٽمبر 1984ع

اڇين جي اڱڻ منهنجي لال وڳو پائي

چميون ڏيئي چاهہ سان توکي ڳل لائي
سيني ۾ سمائي درد سمورا دور ڪيان

3 نومبر 1984ع

عشق وارن جي اکين ۾ اشڪ نت جاري ڏٺم

انڪـــري تصــوير تنهنجــي مــون بنـائي ڪانــہ آ
مســــــڪرائڻ تنهنجـــــو ٽڙنــــدڙ گــــل جيــــان
پــين ڪـــي ڪلنـــدي ملـــي خـــواري ڏٺـــم

****

چو نہ چاتين ڪي ڪيو چاڙيون چلي

تـــہ بـــہ اســـان جـــورت ســـت سـنڌ جـــي بلـــي
منهنجـــــو مـــــارن ڪـــــي اهـــــو پيغــــام آ
پـــــل اســـــان جـــــو لاش متـــــيءَ ۾ مِلـــــي

9 ڊسمبر 1984ع

نگاهون تيز خنجر جان هڻين تو گهوري گڙپائي

اهـو انسـان ڪهـڙو خوش ٿئي جو ٻئي ڪي تڙپـائي

8 ڊسمبر 1984ع

واهہ جي رونق واهہ جي محفل

واهـــــہ جـــــو ماضـــــي واهـــــہ مســـــتقبل
لــــــوڏا لهـــــرون لڙهـــــي لـــــــدو آ
اســــين بـــــہ پنهنجـــــو ســـــاحل

اهـــڙي منـــزل تـــي اچـــي چڪـــو آهيـــان،
پـــوئتي هـــٽڻ لاءِ ضـــمير اجـــازت نٿـــو ڏئـــي،
اڳتـــــي وڌڻ ڪـــان دل مجبـــــور آهـــــي،

****

ورائي ويرن کي ڏينڻ ويڻ آئي،
ســـيئي چئـــو اســـان جـــي اهـــا پـــيڻ آئـــي،
نـــہ ڪـــي بنـــد جـــو پئـــو ســـزا جـــو ڪـــو خـــوف،
نيـــاپي نئـــين ســـان پـــري نـــيڻ آئـــي.

قطعات

ڇا پڇو ٿا مان ڪهاڻي ڇا ڪريان

عيد تي آيو نه جاني ڇا ڪريان
ڪو شريڪِ غم نه دنيا ۾ رهيو
ڪا نه آئي آ نشاني ڇا ڪريان

ڪجهه غور ڪر غريب جي تنهنجي هٿ آ حياتي

سيني تڏي سان سوچ نه تي جانب جذباتي
ڇو پيار ڏئي ايڏو تي پر پرو بيٺين
ههڙي ڪا منهنجي تيندي حالت نه سجاتي

11 نومبر 1984

اکين کي اڄ مون ڇيو ڏسي ڇپ ڪيو

هي دنيا جو ڏنڊو آهي ايئن هلندو پيو
هر ڪو بي وفا ٿيو آهي هت هن دؤر ۾

7 جولاءِ 1985

وستيءَ وستيءَ ويراني شهرن ۾ دهشت گردي آ

اوت امن جي وني ڪري ٿو حملو تنهن کي وردي آ
ڏينهن ڏني جو چوريون ڌاڙا اغوا قرلت جاري آ
هن موسم ۾ منهنجا سائين آئي ڪتان بي دردي آ

باغ جو باني هيو سو باغبان ڪاڏي ويو،

مالڪِ محفل هيو سو پاسبان ڪاڏي ويو،
ان شِوالي ۾ اها محفل اها رونق نه آ،
سنت چترو رام هو سو مهربان ڪاڏي ويو،

20 جون 1973

وري ٻي حسرتون رهنديون ڇڏيو ڇاهي دنيا وارن،

انهن ڪان ڪنهن پڇيو ٻي آ سڏيو ڇاهي دنيا وارن،
اسان زر جي ته زنجيرن ڪان مَس آزاد ٿيا آهيون،
اسان راهي رڻن جا هون گڏيو ڇا هي دنيا وارن،

1981ع

ليڊرن جا ٻار ٿا ٻاهر پڙهن، حاڪمن جا ٻار ٿا ٻاهر پڙهن،

هت ٻه آ تعليم جو چرچو وڏو داخلا لاءِ مسئلا ٿا منهن چڙهن،
ٻار هاريءَ جو اگهاڙي انگ آ جاءِ تنهن کي ٻي تڏي تي تنگ آ،
ٻار واپاريءَ جي پٽ جا ٿا وٺن، ليڊرن جا ٻار ٿا ٻاهر پڙهن،

20 جنوري 1986ع

اقوال زرين:

آزمايو ويندو:

1. بهادر مقابلي جي وقت
2. مستقل مزاج (بردبار) مصيبت جي وقت
3. امير مفلسيءَ جي وقت
4. عورت جي محبت بک (فاقہ) جي وقت
5. دوست ضرورت جي وقت
6. بهادر (بردبار) ڪاوڙ جي وقت
7. شريف وعده خلافيءَ جي وقت

دوستي نہ ڪجي:

1. لالچيءَ سان
2. بدڪار ۽ مڪار سان
3. دوست جي دشمن سان ۽ دشمن جي دوست سان
4. مغرور سان
5. اڻ ڄاڻ ۽ بخيل سان
6. بيوقوف ۽ ڪوڙي شاهدي ڏيندڙ سان
7. جنهن شخص ڪان والدين منع ڪن

ظاهر نہ ڪجي:

1. ڪنهن جو عيب
2. دل جو راز
3. پوري طاقت
4. امانت

5. سفر جو طرف
6. واپار جو نفعو ۽ نقصان
7. زياده ضرورت

پچ پري:

1. بري صحبت کان
2. الزام لڳڻ جي جاءِ تان
3. جهيڙي ۽ ڪيس کان
4. نشئيءَ جي مجلس کان
5. غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ کان
6. فحش ناولن ۽ رسالن کان....
7. وڏيري کان جڏهن سُجو ٿئي
8. ڪميني کان جڏهن دولت مند ٿئي

ڀروسو نہ ڪجي:

1. ڪڪر جي ڇانوَ تي
2. ڏاري عورت جي پيار تي
3. خوشامدي جي تعريف تي
4. مطلب پرست جي دوستي تي
5. جواريءَ جي مالداريءَ تي
6. ڪاڏي پيتي جي دوستيءَ تي
7. تندرستي ۽ زندگيءَ تي
8. دولت تي

شڪايت نہ ڪجي!

1. پنهنجي قسمت جي

2. زماني جي
3. اولاد جي سامهون پنهنجي وڏن جي
4. پنهنجي (ذاتي) گهر کي تنگ سمجهڻ جي
5. غلطيءَ ۾ به ماءُ پيءُ ۽ استاد جي
6. غير جي سامهون دوست جي
7. زال جي سامهون ساهرن جي
8. موڪلائڻ وقت (ڪان پوءِ) پنهنجي مهمان جي

ضروري ته آهي!

1. جهڙيءَ صحبت ۾ رهجي اهڙو ئي ٿجي
2. هرڪم ۾ جلدي ڪجي ۽ نقصان نه پهچي
3. دنيا سان دل لائجي ۽ پشيمان نه ٿجي
4. همت ۽ مردانگي کي شعار بنائجي ۽ گوشه نشين ٿجي بي سان پڄي نه سگهجي
5. گهٽو ڳالهائجي ۽ ڪوفت نه ٿئي
6. عورت جي صحبت ۾ ويهي ۽ رسوا نه ٿي
7. بي جي جهڳڙي ۾ پوي ۽ مصيبت ۾ نه ڦاسيي

نه ڪائجي:

1. گهٽي خوراڪ
2. هر ڪنهن جي سامهون
3. گهٽيءَ بک کان سواءِ
4. بازار ۾ بيهي
5. حرام جو مال
6. هر ڳالهه تي قسم

قبول ڪجي:

1. نصيحت واري ڳالھ چاهي ڪوڙي هجي
2. ڀاءُ جو عذر چاهي دل نہ مڃي
3. دوست جو تحفہ چاهي حقير (گهٽ) هجي
4. غريب جي دعوت توڙي تڪليف اچي
5. والدين جو حڪم چاهي ناگوار هجي
6. پنهنجي غلطي چاهي ذلت ٿي
7. نيڪ زال جي محبت چاهي اها(زال) بد صورت هجي.

هار (شڪست) مڃجي

1. علم ۽ هنجر جي اظهار ۾ استاد کان
2. زبان هلائڻ ۾ عورت کان
3. وڏي آواز سان ڳالهائڻ ۾ گڏھ کان
4. بحث ڪرڻ ۾ جاهل کان
5. کائڻ پيئڻ ۾ ڀيٽيءَ (ساٿيءَ) کان
6. مال خرچ ڪرڻ ۾ وڏائي خور (هنيلي) کان
7. وڙهڻ ۾ زال کان

حماقت جي نشاني آهي!

1. بنا نيڪيءَ ۽ عبادت جي آخرت ۾ ثواب ۽ جنت جي اميد رکڻ
2. پاڻ بي وفائي جي عادت هوندي ٻين ۾ وفا جي اميد رکڻ
3. بد اخلاقي يا بخل هوندي سچي دوستي جي اميد رکڻ
4. آرام طلبي ۽ سستي سان گڏ مراد حاصل ڪرڻ

5. زال سان روز وڙهڻ جي باوجود گهر ۾ راحت ۽ سڪون جي اميد رکڻ
6. اولاد جي مذهبي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ باوجود نافرمان ٿيڻ جي اميد رکڻ
7. بيماريءَ ۾ بد پرهيزيءَ سان تندرستيءَ جي اميد رکڻ

اچي ٿي!

1. فضول خرچي ڪرڻ سان مفلسي
2. محنت ۽ ديانت ۽ ڪفايت شعاريءَ سان دولت
3. بي ادبي ڪرڻ سان بد نصيبي
4. يتيم جو بيوه جو ۽ واقف ڪار جو مال ناحق کائڻ سان بي برڪتي
5. بزرگن (وڏن) جي ڪچهريءَ ۾ ادب ۽ سمجهه
6. غيبت (گلا) ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان بيماري
7. مصيبت ۽ تڪليف ۾ صبر ڪرڻ ۽ شڪر ڪرڻ سان راحت

ڇلي ڙي ڇلي ڪٽِي بازار هلي وٺون ڀاڄي ڪا ڀلي،

گهرئـــــون ڇـــون تـــا گوشــــت ڏي آٽــــي،
مڇــــــي مهـــــانگي ڇيــــو مهـــــاٽي،
ڪــائون ســاڳ يــا پلــي، وٺــون ڀــاڄي ڪــا ڀلــي،

ڪوڙن قصن فسانن نہ اشارن جي ڳالهہ ڪر،

مــون ســان وري بــہ منهنجــي پيــارن جــي ڳالهــہ ڪــر،
ســارو جهــان ســمهي تــہ بــہ نيــٽن ڪــي ننــڊ نــاهي،
تــارا اٿــي گواهــہ ســتارن جــي ڳالهــہ ڪــر،

هاٽي تہ نہ نڪي هار نہ سينگار تو گهرجي

محبـــوب بــــہ واعـــدي جـــو وفـــادار تـــو گهرجـــي
ڇـــا ڪئـــون وجـــي ڇجـــي تـــي يـــاري ڀـــڏائجو
نســـخو اهـــو ڇپـــائڻ نـــروار تـــو گهرجـــي

سنڌي زبان جا مسئلا

ٻہ ماهي اسٽوڊنٽ نيوز ويوز، آڪٽوبر

اسان جي سنڌي زبان/ ٻوليءَ ڪي ائين تہ نظر انداز ڪيو ويو، جو معلوم پئي ٿيو تہ جڻ هن جو ڪو وجود ئي ڪونہ هيو، مگر وري بہ همٿ ڪري اسان جي تعليمي ادارن ۾ ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ جاءِ ملي ۽ بنيادي طور هيءَ ٻولي مستحڪم ٿيندي نظر آئي.

اسان جي ٻين ادارن، اهي ڪٽي ڇپائيءَ جا مرڪز هجن، يا سماجي، جنهن ۾ بزمون، ادبي انجمنون ۽ سنڌي ادبي سنگت هجي، انهن هن ٻوليءَ کي جاڳرتا بخشي. مگر اڄ ڏينهن تائين اسان جي ٽيليويزن تان اسان لاءِ ڪو بہ تعليمي پروگرام نشر نہ ڪيو ويو آهي. جن جي اڄ ڪلهہ اشد ضرورت آهي.

هونئن تہ تعليم کي عام ڪرڻ، سنڌي زبان کي ترقي وٺرائڻ لاءِ وڏا وڏا اعلان ٻڌجن ٿا، مگر ٽيليوزن وارو ذريعو اسان لاءِ الائي ڇو گونگو فلم آهي.

تعليم جو معيار: اسان جي تعليمي ادارن ۾ درسي ڪتابن جا تہ انبار آهن، ۽ ٻار جو هنن ڪتابن جو بار بہ ڪونہ کڻِ سگهن، تہ اهي پڙهي وري ڇا سگهندا؟ تعليم کي مفت جاري ڪيو وڃي ها، مگر! هتي فنن جي پرمار آهي، روزانہ خرچ ۾ تعليم جو خرچ بہ شمار ٿيڻ لڳو آهي جيڪڏهن پاڃيءَ جو خرچ ڏهہ روپيا آهي تہ پڙهائيءَ جو خرچ وري ڏهن روپين کان بہ مٿي ضرور هوندو، پوءِ اهو بہ هڪ ٻار يا ڪنهن ڪتاب وغيره تي ڇو نہ هجي، هن کان اڳ سال ۾ هڪ دفعو ڪتابن جو خرچ هوندو هو، سو بہ برداشت جي اندر هوندو هو.

سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڊائجسٽ وغيره تہ ڇپجن ٿا مگر اسان جو طبقو غريب هجڻ ڪري خريد بہ نٿو ڪري سگهي، پر فرصت نہ هجڻ ڪري هو لائبريريءَ ۾ بہ پڙهڻ لاءِ نٿو پهچي سگهي. اسان جي

زندگيءَ کي ايترو تہ مصروف رکيو ويو آهي جو ماڻهو سک جو ساهہ بہ نٿو کڻي سگهي. اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي آهي تہ علم کان سواءِ معاشي طرقي ٿيڻ ناممڪن آهي مگر گهٽ ۾ گهٽ غريب کي علم جي زيور سان تہ آراستہ ڪيو وڃي.

سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ڏني وڃي، اسان وٽ پهرين نمبر تي انگريزي ٻي نمبر تي اردو آهي، ۽ ٽئين نمبر تي سنڌي ٻولي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اعلىٰ امتحان لاءِ سنڌي کي لازمي مضمون جو درجو ڏنو وڃي.

سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ دفتري درجو ڏئي سرڪاري ادارن ۾ استعمال لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي.

”سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ“ جا درسي ڪتاب اڪثر غير سنڌي ماڻهن کان ترجمہ ڪرايا وڃن ٿا ۽ ڪمپوز ڪرايا وڃن ٿا نتيجي ۾ غلطين سان ڀريل ڪتاب بازار ۾ وڪرو ٿين ٿا، تنهنڪري اسان جي ماهر استادن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن.

اسان جي ٻوليءَ کي اهو بہ اعزاز آهي جو بر صغير ۾ ”قرآن مجيد“ جو ترجمو بہ پهريون سنڌيءَ ۾ ڪيو ويو، ان کان علاوه ڪيترائي ڪتاب ۽ ترجما آهن جيڪي اهڙين اهڙين خاصيتن ۽ صنعتن سان ڀرپور آهن جو دنيا ڏسي دنگ رهجيو وڃي. ان تي اسان کي فخر آهي.

تعليم حاصل ڪرڻ کان تہ اسان کي انڪار نہ آهي، مگر اسان غريبن کي ان ميدان ۾ اهڙي تہ هار ڏني وڃي ٿي جو اسين پاڻ ئي ميدان ڇڏي وڃئون ٿا.

اسان جي ٻوليءَ ۾ تحقيقات ڪندڙن کي همٿايو وڃي. ايم ايڊ، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي تحقيقاتي مضمون ڪڻندڙن جا مقالا شايع ڪرايا

وجن، جيئن ايندڙ شاگردن لاءِ رهنمائي بہ ٿئي ۽ ٻي طرف ادب ۾ تحقيقات ڪندڙن ڪان ادبي سرمايو وڃندو وڃي. اسڪولن مان گائيڊبيون ختم ڪيون وڃن. ذهين ۽ غريب شاگردن ۽ استادن جي همٿ افزائي ڪئي وڃ. قديم ۽ جديد ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريون ڇپائي مناسب اگهہ سان مارڪيٽ ۾ آڻڻ گهرجن، آخر ۾ ان ڳالهہ جو افسوس سان ذڪر ڪرڻ ڪان نٿو رهجي سگهجي تہ سنڌي ٻوليءَ کي جائز مقام نہ ڏنو ويو آهي.

*****

استاد جا فرض ۽ ذميواريون مضمون (نثر)

نعيم الله ”صابر“

ٻہ ماهي اسٽوڊنٽ نيوز ويوز

استاد ورڊ بينڪ (قيمتي الفاظ) جو مئنيجر آهي ان سان گڏ اسڪول ۾ قوم جي قيمتي امانت يعني ٻارن کي تهذيبي، تمدني، جسماني خواه روحاني تعليم بہ ڏئي ٿو سني استاد جو فرض آهي تہ هو پنهنجو ڪم محنت ۽ انساني خدمت جي جذبي سان ادا ڪري ۽ ضروري آهي تہ هو شاگرد جي نفسيات کان واقف هجي، تدريس جي طريقي جي اهليت رکندو هجي ۽ شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهي، پنهنجا خيالات چڱيءَ طرح سان بيان ڪري سگهي.

شاگردن جي سنڀال هڪ مشڪل مرحلو آهي مگر نظرداري ڪرڻ استاد جي ذميواري آهي ان کان ڪو بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي تہ ماءُ جي هنج ٻار جو پهريون مڪتب آهي، پر ان کان پوءِ استاد ئي آهي جيڪو ٻار کي انسان بنائي ٿو.

سني استاد لاءِ لازمي آهي تہ شاگردن جي مسئلن کان مڪمل واقف هجي ۽ انهن کي سهڻِ نموني حل ڪري.

استاد بردبار، جفاڪش، خوش مزاج هجي،

خوش اخلاق ۽ خوش مزاج استاد ئي عوام ۾ پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهي ٿو.

استاد معاشري جي معزز شخصيت آهي، جنهن کي هر هنڌ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. اڳاتي زماني ۾ حڪومت جا اعليٰ عملدار پنهنجي عزت ئي انهيءَ ۾ سمجهندا هئا جو هو سفر وقت وجي ڪنهن نہ ڪنهن استاد وٽ رهندا هئا انهن جي نظرن ۾ استاد کان وڌيڪ ميزز ۽ مهمان نواز ڪو بيو شخص نہ هو ۽ هو ان ڳالهہ کي فخر سان چوندا هئا تہ اسين استاد وٽ مهمان ٿي آياسين.

اُهي با اخلاق، رلڻا ملڻا، محبتي ۽ وهنوار جا سچا، لالچ کان بالاتر ۽ حرص کان پري هئا. انهيءَ سببن جي ڪري استاد ڪي مقبول شخصيت مڃيو ويندو هيو.

استاد ڪي وقت جو پابند رهڻو پوي ٿو جيڪڏهن پاڻ وقت جي پابندي نه ڪندو ته ان جو اثر شاگردن تي به پئجي سگهي ٿو، اهو استاد ئي آهي جيڪو عالم، فاضل، ڊاڪٽر، انجنيئر، صدر، وزير اعظم ۽ ٻيا ڪيترائي عملدار پيدا ڪري ٿو. ”قوم جي هر فرد جي تقدير آهي استاد“ ٻيا ته سڀ هنرمند پنهنجو فن ڳجهو رکندا آهن پر ويچارو استاد ايڏو ته سخي آهي جو هو پنهنجو علم ته سيکاري ٿو پر ٻين کان علم سکي به ٻارن کي سيکاري ٿو.

سني استاد هجڻ لاءِ هو پاڻ اسڪول اندر يا ٻاهر اٿڻي ويهڻي، رهڻي ڪهڻي جي طور طريقن ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪري جيئن پاڻ مثالي نمونو هجي جنهن مان شاگرد به سبق حاصل ڪري سگهن پر اڄ جا استاد نهن سيني ڳالهين کي وساري حرص ۽ لالچ جي پويان پيل آهن، معاشرو به انهن چند استادن کي حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو.

جيڪڏهن استاد پنهنجي عظمت جو پاڻ محافظ نه آهي ته سندس هٿ ۾ جيڪا معمارن جي واڳ آهي اها ڍلي ٿي پوندي، انڪري مستقبل جي معمارن جو محافظ ٿي پنهنجو حق ادا ڪري جيئن شاگرد به ان جي پيروي ڪن.

حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جو قول آهي ”شاگرد استاد جو اهڙو ته گرويده ٻانهو آهي جنهن جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو ڳٽ موت کان سواءِ نٿو نڪري.“

بزم گلشن لطيف شڪارپور

جناب صدر مجلس! معزز سامعين،السلام عليڪم!

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهـ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهـ پير نـ لهين پرينءَ جو،
شاهه

اها تـ سيني کي سڌ آهي تـ سنڌي ادب قديم ادب آهي جنهن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ جي هر حصي ۾ ڪيتريون ئي ادبي جماعتون، سوسائٽيون ۽ بزمون، انجمنون قائم ڪيون ويون آهن. جتي ادب جا متوالا ادب جي پرچار ڪري اهو ٻڌائيندا آهن تـ اسان جو ادب جيئن قديم آهي تيئن اسان جي ثقافت بہ!

اسان جي ادب ۾ لوڪ ڪهاڻيون، گيت، غزل، ڏهيڙا، آکاڻيون، مضمون، تقريرون، بيت ۽ پهاڪا چڱيءَ طرح چٽا آهن. اگرغور سان ڏسبو تـ ان ادب کي اوسر ڏيڻ ۾ شاعريءَ جي حصي گهٽي ڪان گهٽي مدد ڏئي اسان تائين پهچايو آهي. اوهين قرآن شريف کي پڙهو ۽ هوڏانهن شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪيو تـ ڇا تِر جيترو بہ فرق ڪڍي سگهندؤ، نـ! ان لاءِ تـ شاهه صاحب خود فرمايو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي،
شاهه

ڪٿي تقرير هلندي تـ ايترو ڌيان ڏئي ڪونہ ٻڌبو جيستائين ان ۾ شعر يا بيت موجب مثال نہ ڇيا وڃن مطلب تـ هر منجهيل مسئلي کي شاعريءَ ۾ آسانيءَ سان سمائي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تـ نظم ڳائڻ ۾

سولو، سمجهڻ ۾ آسان آهي پڙهڻ وارو غور سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪڏهن بہ تقرير پڙهڻ واري وانگر بيزاريءَ جو اظهار نہ ڪندو، ان لاءِ آءٌ چوندس تہ نظم جو نثر کان اتم درجو آهي.

انهيءَ ئي مقصد خاطر شڪارپور شهر ۾ هڪ نئين بزم ”بزم گلشن لطيف“ جو اڄ بنياد رکيو ويو ٿو. 23 جنوري 1973ع افتتاحي مشاعره بہ ”سيرت النبيﷺ“ جي موضوع تي منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن جو سمورو انتظام محترم رحمت الله شوق جن ڪيو اهڙن جوانن کي جس هجي، هن مشاعري ۾ ڪيترن شاعرن، پنهنجي نڪور نظمن ۽ غزلن کي پيش ڪيو.

رهبرن جا پتا پيچرا منزل تي پهچائڻ لاءِ هوندا آهن مگر سچ ڪان هرڪو سرندو ٿو وڃي ۽ ڪوڙ ڏانهن ڪڏندو ٿو وڃي جيئن تہ هن بزم جو نالو ”بزم گلشن لطيف“ رکيو ويو آهي، اِن مناسبت سان مان هڪ راءِ پيش ڪندس تہ سهڻي لطيف جي رسالي مان هر سڏايل مشاعري ۾ منڍ کان وٺي هر بيت جو نمبروار ترجمو سمجهاڻيءَ سميت پيش ڪرڻ جو پروگرام بنايو وڃي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو عزم ڪريون. متان اسان جو مهربان رب جل جلاله اسان کي هن ڪوڙي دنيا جي ڪلورن کان بچائي پنهنجي پناهہ ڏي.

اميد آهي اسان جا دوست ادبي خدمت ۾ ساٿ وندائي بزم گلشن لطيف سان ساٿ ڏئي همدرديءَ جو ثبوت ڏيندا.

قريشي نعيم الله ”صابر“

ڪھاڻي ”پورل خان جي بستي“

هڪ ڏينهن مون شهر کان، واهڻ طرف وڪون ڪنيون، هر ڪنهن چيو هي بستي آهي، بستي پورل خان جي، پلا هت ڪهڙو آهي انتظام، مون پڇيو ۽ جواب ۾، سڀ تي ويا خاموش! پر هڪ پير مرد اٿي چيو، خاموشيءَ ڪي ٽوڙي، هت، بادشاهي آ بادشاهي، مگر ڪنهن جي؟ هت نہ يونين ڪائونسل جي آفيس بہ نہ آهي، پوءِ هيءَ بادشاهي ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آهي اسان نہ تاريخ ۾ بہ نہ پڙهيو ۽ نہ جاگرافيءَ ۾ ڪنهن نقشي تي نظر آئي.

بزرگ وراڻيو!

هت پوليس جو پهرو نہ آ هت عملدار جو آڪيرو نہ آ، عدالت جو ڪمرو نہ آ، اونداهين جو گهر آ اونداهين جو، سانجهيءَ تائين سويرو آ، پر ان کان پوءِ انڌيرو آ، محنت بہ اسان جي آهي مڇيل خلقت بہ ڳوٺن ۾ آ گهڻي، پر تڏهن بہ نہ ڪو آ داد نہ ڪو فرياد اسان جو، اسڪولن جي خبر نہ آهي ٻارن ڪي اسپتالون ٻڌندا آهيون، مگر اسان لاءِ نہ نہ؟؟ روڊ بہ ٻڌندا آهيون جن تي موٽر ڪارون هلنديون آهن، رات سڄي زوزات ڪري پر اسان وٽ واٽ (رستو) ڪچي آ، جنهن تي هلندي اجان بہ آهي بيل گاڏي، هيءَ پورل خان جي بستي آ.

*****

چاهہ جي ڇهنڊڙي

جيون ۾ جوڀن جي جوت جرڪندي آهي تہ جوانيءَ جو جوش جاڳندو آهي، اهڙيءَ عمر ۾ انسان کي ارتقائي طور عمل جو آسرو ئي امداد مهيا ڪري ٿو.

زندگيءَ جي انهيءَ زينہ تي پير پهچڻ شرط تنهائيءَ جي طوق کي ٽوڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي ڪوشش ڪندي ڪنهن بہ ساٿيءَ جي سوچ سيني ۾ سمائجي ٿي، مگر ساٿي ڪهڙو ۽ ڪٿي هوندو آهي، ان جي لاءِ اکين جون عادتون وڃي هٽي هنڌ ڪن ٿيون. پنهنجي پسند جي پياري ماڻهوءَ کي پنهنجو پاڻ ئي پريت جو پيچ پائي، سڄڻ سمجهي ساهہ ۾ سانڍي سک ۽ سور جو سمو اچي ٿو، ۽ آهستہ آهستہ اهڙو اظهار ڪنهن نہ ڪنهن نموني نروار ڪري نينهن جو نياپو پنهنجي پياري تائين پهچائڻ جي پوري پوري ڪوشش ۾ قدم کڄي ٿو.

جڏهن اشارن جي عبارت سان اندر جو احوال اڳين کي معلوم ٿئي ٿو تہ محبت جي منزل ڏانهن همسفر ٻئجي هلڻ شروع ڪجي ٿو.

ٻچپن جي بي سمجهہ ۽ بي مراد بيانن ۽ ننڍڙن نظارن جو نمونو جڏهن جيءَ ۾ جهاتي پاتي تہ پنهنجي عمر اناويهہ سال ۽ ساٿي بہ ستاويهن سالن کان ننڍو نہ هو، نينهن جي ننڍي هوندي واري ناتي کي نباهڻ جو عمل تہ جڻ امر آهي، انڪري پنهنجي جدا جدا پيچرن تان هلندي هلندي هڪڙي اهڙي هنڌ اچي هڪ ٿياسين، اسين وري موٽ ڪائي درد جو ڏوڏ ڏُکائي ويناسين ۽ وري وري ملاقاتين سان اسان جي چاهہ کي ڇهنڊڙي پئي ۽ جذبا جاڳي پيا.

9 مئي 1987ع

واڪا منهنجي وس!

قريشي نعيم الله ”صابر“

عام طور تي ”صابر“ هر موضوع تي لکيو آهي پر غزل سندس پسنديده صنف آهي. غزلن ۾ معاشري جي اوڻاين جي ڳالھ بہ آهي تہ عشق ۽ محبت جو فسانو بہ آهي. پر ڪجھ غزل تہ صابر جا جدت ۽ نواڻ جي رنگين اندلٺي پٽي ۾ سمايل نظر اچن ٿا. جيئن هن غزل ۾ دردن ۽ پيڙاهن جي ڳالھ ڪهڙي نہ جدت جي رنگ ۾ ڪئي آهي:

جيئرو جوين ساھ نہ آهي
چئہ تہ انھيءَ سان ٿاھ نہ آهي
هڏڙن جو آ پڃرو ماڻھو
جنهن تي ڪل ۽ ماھ نہ آهي
ٽين ٿا گجگوڙ بہ ٿر ۾
وسڻ تي ويساھ نہ آهي

هي غزل تہ بس صابر جي جدت جو لازوال مثال آهي، جنهن ۾ پاڻ غزل جو پورو حق ادا ڪيو اٿن:

تو بن جڏهن بهارون آيون
نيڻن مان ڇو لارون آيون
ايڏا ويڇا وجهبا ناهن
تنهنجون ياد پچارون آيون
عيد ڪٽي خوشيون ايندي آ
منهنجي پاڳ مياروں آيون

بهر حال ”صابر“ صاحب جا غزل جدت جي رنگينيءَ ۾ رچيا پيا آهن. سندس غزلن ۾ روانيءَ جي چاشني بہ آهي تہ موسيقي جي سٺن سرن جي راڻِ بہ موجود آهي. سندس غزل اعليٰ پائي جي غزلن کان گهٽ نہ آهن. سندس غزلن م موضوع جي ڪمي نہ آهي. عشق ڪي وٽجي تہ ڪيئي صفحا لکي سگهجن ٿا. معاشري جي براين تي ويهي لکجي تہ چڱو خاصو هڪ مقالو تيار ٿي سگهي ٿو. بهر حال هن مختصر مضمون ۾ ڪجھ ڳالهيون سمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. آخر ۾ سندس هنن سٽن سان مضمون کي پورو ڪجي ٿو تہ:

مان سڪ جو آهيان سوداگر
ڪو ماڻھو مون کي مُرڪ ڏئي
پر حال ڏسي هي خيال ڪيم
هت بي ملھ ڪو لڙڪ ڏئي

وفا منظور علي چوهاڻ

N.A.Q
DIGITAL PUBLICATIONS
Pakistan- 03313051325